Awami Workers Party

عوامي ورکرز پارٽي

منشور ۽ آئين

سنڌ ۾ رابطي لاءِ: 0344-3333888,0333-2913164,0333-7082991

منشور ۽ آئين

عوامي ورڪرز پارٽي

عوامي ورڪرز پارٽي جي پهرين ڪانگريس
27-28 سيپٽمبر 2014 اسلام آباد
مان منظور ٿيل

اي ميل: awamiworkers@gmail.com
ويب سائيٽ: www.awamiworkersparty.org

منشور

سٽاءُ

موضوع	صفحو
تعارف	4
مهاڳ	4
ملڪي پسمنظر	4
عالمي پسمنظر	8
ياڱون پهريون:	
پاڪستاني رياست جا معاشي ۽ سماجي تضاد	12
• طبقاتي تضاد	12
• سامراجي تضاد	14
• مذهبي تضاد	16
• قومي تضاد	18
• صنفي تضاد	20
ياڱون ٻيون: پاڪستاني سياست ۽ اسانجي پارٽي	23
• مذهبي سياست	23
• پاپولسٽ سياست	25
• عوامي ۽ انقلابي سياست	26
ياڱون ٽيون: عوامي ورڪرز پارٽي جا بنيادي رهنما اصول	28
ياڱون چوٿون: عبوري پروگرام	30
• سياسي پروگرام	30
• معاشي پروگرام	32
• سماجي پروگرام	35

آئين

موضوع	صفحو
باب پهريون	
نالو ۽ جهنڊو	37
باب ٻيون	
رُڪنيت	37
باب ٽيون	
پارٽي ڍانچو	38
باب چوٿون	
جمهوري حق ۽ نظم و ضبط	44
باب پنجون	
پارٽي چونڊون	45
باب ڇهون	
ملڪي پارلياماني چونڊون	46
باب ستون	
ٻيا معاملا	47
ضميمو	48

منشور ۽ آئين

عوامي ورڪرز پارٽي

تعارف

1. عوامي ورڪرز پارٽي پورهيتن ۽ محنت ڪندڙ عوام جي نمائنده هڪ ترقي پسند، جمهوري ۽ سيڪيولر پارٽي آهي، جنهن جو مقصد طبقاتي نظام، قومي جبر ۽ صنفي جبر جو خاتمو ۽ رياست تي پورهيت عوام جي عملداري قائم ڪرڻ آهي.
2. عوامي ورڪرز پارٽي کاٻي ڌر جي ٽن سياسي جماعتن جي انضمام جي نتيجي ۾ وجود ۾ آئي. انضمام ڪندڙ جماعتن ۾ ليبر پارٽي، عوامي پارٽي ۽ ورڪرز پارٽي شامل هيون. عوامي ورڪرز پارٽي جي انضمامي ڪانگريس 11 نومبر 2012ع تي ايوان اقبال لاهور ۾ ٿي، جنهن ۾ منشور بابت هڪ مسودو پيش ڪيو ويو هو. اُن مسودي تي انضمامي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيندڙن جي تجويزن جي روشنيءَ ۾ وفاقي ڪميٽيءَ جي فيصلن، قومي ايڪن جي تجويزن ۽ عورتن جي پهرين ڪنوينشن، جيڪو 2 مارچ 2014ع تي ٿيو، کي سامهون رکندي نظرثاني ڪئي وئي. نظرثاني ٿيل منشور وارو مسودو وفاقي ڪميٽيءَ جي منظوريءَ کانپوءِ پارٽيءَ جي پهرين ڪانگريس ۾ منظور ڪيو ويو.

ابتدا

(1) ملڪي پسمنظر

1. پاڪستاني رياست پنهنجي وجود جي پهرين ڏينهن کان سياسي، معاشي، سماجي ۽ نظرياتي تضادن جو شڪار آهي انڪري اڄ تائين عوام جا بنيادي مسئلا بہ حل نہ ٿي سگهيا آهن. نندي کنڊ مان برطانوي سامراج جي وڃڻ کانپوءِ دنيا جي نقشي تي نمودار ٿيڻ واري هن رياست پنهنجي عوام کي عالمي سامراجي يلغار ۽

نوآبادياتي (بيئيڪتي) رياستي ڍانچي جي چنبي ۾ جڪڙي رکيو آهي. ڇهه ڏهاڪا گذرڻ باوجود عوام تي مڙهيل غيرجمهوري، قومن جي دشمن ۽ مذهب جي نظرياتي زور تي هلندڙ حڪمرانيءَ واري نظام غربت، نفرت ۽ تشدد کي جنم ڏنو آهي، اڄ طبقاتي جبر عروج تي آهي ۽ جاگيردار طبقو پنهنجن مفادن خاطر سڄي ملڪ کي داءَ تي لڳائڻ لاءِ تيار آهي. هڪ طرف جاگيرداري ۽ سرمائيداري، فوجي ۽ سول ڪامورا شاهي ۽ سامراجي قوتن ملڪ جي معيشت ۽ سياست تي مڪمل قبضو ڄمائي ورتو آهي ته ٻئي طرف محنت ڪندڙ هاري، مزدور، وچولي طبقي جي پيشيور فردن، عورتن ۽ اقليتن جو مقدر غربت، ڏاڍ ۽ بي وسي آهي. مظلوم قومن تي جبر ڏينهو ڏينهن شدت اختيار ڪندو وڃي پيو، جنهن خلاف بلوچستان ۽ سنڌ ۾ ردعمل تيزيءَ سان اُڀري رهيو آهي.

2. پاڪستان اندر معاشي ۽ سماجي اڻبرابري جو بنيادي ڪارڻ اُهي سينواريل معاشي ۽ سماجي ڍانچا آهن، جيڪي جديد بيئڪيتي (نوآبادياتي) نظام جي علامت آهن. اسان وٽ هڪ طرف قبائلي ۽ جاگيرداري باقيات موجود آهن ۽ ٻئي طرف سرمائيداراڻي نظام جو استحصال عروج تي آهي. سرد جنگ ڪانپوءِ سرمائيداري گلوبلائيزيشن (عالمگيريت) جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي. گلوبلائيزيشن جي مفڪرن جو موقف هو ته"آزاد" مارڪيٽ ۽ لبرل جمهوريت ذريعي ترقي پذير ملڪن کي خوشحاليءَ جي راهه تي گامزن ڪري سگهجي ٿو. پر "تاريخ جي انت" وارو اهو ٽڪساٽ هاڻي سامراجي جنگين ۽ خود ترقي يافته ملڪن جي اندر 2008ع کان جاري عالمي سرمائيداراڻي بحران جي شڪل ۾ اُگهاڙو ٿي چڪو آهي. سڄي دنيا ۾ مارڪيٽون ته "آزاد" ٿي رهيون آهن پر عوام غلاميءَ ۾ قاتل آهي. پاڪستاني عوام کي سامراجي غلاميءَ جو شڪار، پنجاهه واري ڏهاڪي جي ابتدا ۾ ئي بڻايو ويو هو، جڏهن آمريڪا سان اسان جي حڪمرانن. فوجي معاهدا ڪيا هئا. اُنهن معاهدن جي نتيجي ۾ فوجي اسٽيبلشمنٽ پنهنجن غيرملڪي آقائن

جي ڏڍ تي ملڪ جو سڀ کان طاقتور ادارو بڻجي ويو. فوجي جرنلن نہ صرف جمهوريت ۽ وفاقيت کي يرغمال بڻايو پر ملڪي وسيلن تي بہ قبضو ڪري ورتو ۽ اڄ اهي جرنل پاڪستان جي وڏن جاگيردارن ۽ سرمائيدارن ۾ شامل آهن ۽ پنهنجن معاشي مفادن خاطر هر قسم جا قدم کڻڻ لاءِ تيار آهن. فوجي ۽ سول ڪامورا شاهي ۽ بالادست طبقن مضبوط مرڪز، نام نهاد قومي سلامتي ۽ اسلام جي تحفظ جي نالي تي پاڪستان کي هڪ هيبتناڪ جاگيردارڻي رياست بڻائي ڇڏيو آهي جتي ايجنسيون راڄ ڪن ٿيون، پاڙيسري ملڪن سان مستقل دشمني ۽ وڌندڙ فوجي خرچن سبب عوام کي بنيادي انساني ضرورتن کان محروم رکيو ويو آهي، پوليس، خزانو، عدليہ ۽ ٻيا سرڪاري کاتا عوام جي خدمت بدران اُن تي ظلم ڪن ٿا.

3. اُنهيءَ ظالماڻي نظام خلاف غريب عوام ۽ مظلوم قومن سدائين مزاحمت ڪئي آهي. پر عالمي سياسي ۽ معاشي حالتن ۽ حڪمران طبقن جي سازشن ۽ ڳٽ جوڙ سبب پورهيت عوام اڄ ورهايل آهي. مختلف قومن جي وچ ۾ تضاد عروج تي آهن جڏهن تہ مذهبي انتهاپسنديءَ سماج جي پاڙن کي اندران کوکلو ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچي شهر، جيڪو 1980ع تائين مزدور تحريڪ جو مرڪز هو، هاڻي ڪيترن ڏهاڪن کان مسلسل گهرو جنگ جي باهہ ۾ سڙي پيو. پورهيت عوام پنهنجي منظم جدوجهد ۽ قربانين عيوض جيڪي معاشي ۽ سياسي مراعتون ماضيءَ ۾ حاصل ڪيون هيون، اُهي آهستي آهستي کسجنديون پيون وڃن. اهڙا مزدور دشمن قانون ٺاهيا ويا آهن، جن جي ڪري ڪروڙين پورهيتن کي احتجاج ۽ هڙتال جي بنيادي حق کان محروم ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ورلڊ بئنڪ، آءِ ايم ايف ۽ ڊبليو ٽي او جي مڙهيل پاليسين سبب ٻهراڙين ۾ بي زمين هارين ۽ ننڍن آبادگارن (مزارعين) جو وجود مرحليوار ختم ڪري ٻهراڙي واري مزدور کي اُجرتي غلام ٺاهڻ جو عمل جاري آهي. پورهيتن، هنرمند حلقن ۽ شاگردن کي تنظيم سازي (انجمن سازي) جي آئيني حق کان محروم رکيو ويو آهي ۽ سماج جي سمورن مظلوم حلقن تي جبر ۽ تشدد ڏيهاڙي جو معمول بڻجي چڪو آهي.

4. سماجي جبر جو هڪ وڏو هدف عورتون بڻجن ٿيون. عورت جي محنت جو نہ ڪو قدر آهي ۽ نہ ئي وري معاوضو. عورت نہ گهر ۾ ۽ نہ ٻاهر آزاد آهي ۽ اُن خلاف ڏيهاڙي اهڙا ڏوهہ منظرعام تي اچن ٿا جن کي ڪو مهذب سماج برداشت نہ ٿو ڪري سگهي. مذهبي اقليتون بہ انتهائي خوف جي عالم ۾ پنهنجي زندگي گهاري رهيون آهن جڏهن تہ ذات پات جي بنياد تي ڪروڙين شهرين سان اڄ بہ انسانيت کان ڪريل سلوڪ ڪيو وڃي ٿو.
5. گذريل ڪجهہ ڏهاڪن دوران، خاص طور تي 1980ع جي ڏهاڪي کان هزارين غيرسرڪاري تنظيمون (اين جي اوز) عوامي حقن جي تحفظ، ترقي ۽ فلاح ۽ بهبود جي تحفظ جي نالي تي اولهہ ۽ عرب ملڪن ۽ سرڪار ذريعي بين الاقوامي سامراجي مالياتي ادارن جي اٿاهہ امداد سان منظر عام تي آيون آهن. اين جي اوز جو هڪ حصو انساني حقن ۽ سياسي آزادين لاءِ عوامي شعور ۽ آگاهيءَ کي اجاگر ڪري رهيو آهي. پر اُنهن جو هڪ وڏو انگ مذهبي بنياد پرست، دهشتگرد تنظيمن ۽ مذهبي سياسي پارٽين جي اٿاهہ نظرياتي، مالي ۽ تنظيمي مدد ڪري رهيو آهي. ترقياتي ۽ فلاح و بهبود جو ڪم ڪندڙ اين جي اوز بہ سڄي ملڪ ۾ شهرن ۽ ٻهراڙين جي سطح تي تمام وڏو ڄار ڦهلائي رکيو آهي ۽ اڪثر پاڻ کي رياست جي متبادل طور پيش ڪن ٿيون. اُنهن جون نظرياتي حدون، مفاد، تنظيمي بناوت، ڪم ڪار جي طريقي جو تعين مدد ڪندڙ ادارا ۽ ملڪ ڪن ٿا. اين جي اوز جي اڪثريت سامراج جي نيولبرل معاشي ۽ سياسي پاليسين ۽ مذهبي بنياد پرست نظرياتي ايجنڊا جو حصو آهن. اسان جي پارٽي اصولي طور تي اهو سمجهي ٿي تہ عوام جي حقن جو تحفظ، عوامي سهولتن جي فراهمي ۽ عوام جي فلاح ۽ بهبود جي بنيادي ذميواري رياست جي آهي.
6. پاڪستاني سياست جي مرڪزي ڌارا واريون پارٽيون جڏهن اقتدار کان ٻاهر هجن ٿيون تہ عوامي مسئلن جو پرچار ڪن ٿيون ۽ ڪين فوجي آمريتن جو نتيجو قرار ڏين ٿيون پر جڏهن

اهي پارٽيون خود اقتدار ۾ اچڻ ٿيون ته غريب پورهيت عوام کي بلڪل وساري ڇڏين ٿيون. انهن پارٽين هميشه فوجي اسٽيبلشمنٽ جي مرضيءَ سان اقتدار ۾ ڀائيواري ورتي آهي ۽ فوجي اسٽيبلشمنٽ مذهبي انتهاپسندن ۽ سامراجي مفادن جو ئي تحفظ ڪيو آهي. ملڪ جي ان تيزيءَ سان بگڙجندڙ سماجي ۽ سياسي صورتحال مان نڪرڻ لاءِ هڪ حقيقي سامراج دشمن، جاگيردار ۽ سرمائيدار مخالف، اينٽي اسٽيبلشمنٽ، سيڪيولر عوامي ۽ انقلابي پارٽيءَ جي ضرورت آهي.

7. اهڙي پارٽي نه هجڻ باوجود وسيع عوامي حلقن ۾ تبديليءَ جي اٿاهه خواهش موجود آهي. حڪمران طبقن اندر تضاد به ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. تنهنڪري حقيقي عوامي انقلابي تحريڪ منظم ڪرڻ، اڄ وقت جي اهم ترين ضرورت ۽ پاڪستان جي ڪابي ٽر جو اولين فرض آهي. سڄي دنيا ۾ ترقي پسندن ۾ هڪ ڀيرو وري اتفاق پيدا ٿي رهيو آهي ته عالمي سرمائيداري جي جاءِ تي هڪ سوشلسٽ نظام جو قيام نه صرف انسانيت جي منزل آهي پر اُن جي بقا لاءِ اٽل پڻ آهي. پنهنجي جدوجهد کي معاشي، سياسي ۽ سماجي سطحن تي منظم ڪرڻ سان گڏوگڏ اسان کي ماحول دوست پاليسيون به اپنائڻيون پونديون. اسان کي هڪ اهڙي سياسي ۽ معاشي ڍانچي جي تعمير ڪرڻي پوندي، جنهن جو مقصد منافعو ڪمائڻ نه، پر انساني ضرورتون پوريون ڪرڻ هجي ۽ جنهن ۾ ذاتي مفاد تي اجتماعي مفادن کي ترجيح حاصل هجي. اِن ڏکي جدوجهد جي ابتدا پاڪستان جي سماج ۽ رياست جي بنيادي تضادن جي درست نشاندهي سان ٿيندي. عوامي ورڪرز پارٽي غريب پورهيت عوام جي منظم قوت جي ڏڍ تي اُنهن تضادن کي حل ڪندي ۽ هڪ نئون سوشلسٽ نظام لاڳو ڪندي.

(2) عالمي پسمنظر

1. پاڪستان جي سياسي ۽ سماجي صورتحال کي سمجهڻ لاءِ گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ عالمي سطح تي ٿيل تبديلين کي پرکڻ ضروري آهي. 1980ع واري ڏهاڪي جي آخر ۽ 1990ع جي ڏهاڪي دوران عالمي سطح تي جيڪي زبردست تبديليون

ٿيون، اُنهن جي نتيجي ۾ هڪ طرف تہ عالمي سوشلسٽ بلاڪ ختم ٿي پيو تہ ٻئي طرف بين الاقوامي سرمائيدار قوتن ۽ اُنهن جي دانشورن سرمائيداراڻي معيشت (مارڪيٽ اڪانامي) کي حتمي ۽ قطعي قرار ڏئي سڄيءَ دنيا جي سامهون پيش ڪيو. سامراجي عالمگيريت ۽ نئون عالمي نظام اُن سلسلي جون ڪڙيون آهن. يقينن اُن صورتحال جو گهرو ناڪاري اثر سڄي دنيا جي ترقي پسند تحريڪن ۽ خاص طور تي پُٺتي پيل ۽ ترقي پذير ملڪن جي تحريڪن تي پيو. سوشلزم جي متبادل نظام واري حيثيت کي تڪراري بڻايو ويو. پر ڪجهہ ئي سالن اندر اها حقيقت کُلي ڪري سامهون اچي وئي تہ نئون عالمي نظام ۽ سرمائيداراڻي عالمگيريت، اصل ۾ نين سامراجي قوتن جي واڌ ويجهہ ڪانسواءِ ڪجهہ ناهي. اُنهن قوتن جي سرواڻي آمريڪا جي هٿن ۾ آهي. اهو نظام جيڪو خود ترقي يافتہ ملڪن جي پورهيت طبقن جي وڌندڙ مسئلن جو حل بہ پيش نہ ٿو ڪري سگهي، ٽين دنيا جي انيڪ ملڪن کي فقط پنهنجي معاشي محڪوميءَ جي پڪڙ ۾ جڪڙي اُنهن جي دولت خاص طور تي تيل ۽ بين معدني وسيلن کي پنهنجي مڪمل غاصباڻي تسلط ۾ رکڻ چاهي ٿو. ترقي يافتہ سرمائيدار ملڪ اندروني معاشي ۽ سياسي تضادن جي باوجود سڄي دنيا کي پنهنجي مارڪيٽ طور محفوظ بنائڻ لاءِ آمريڪا جي سرواڻيءَ تي متفق آهن. سرد جنگ جي خاتمي ۽ متبادل عالمي معاشي نظام ۽ سوشلسٽ بلاڪ جي ٽٽڻ باوجود سرمائيدار ملڪن ۽ خاص ڪري آمريڪا نہ تہ نيٽو کي ختم ڪيو، نہ ئي هٿيارن ۾ گهٽتائي آندي، نہ ايٽمي هٿيارن جا ذخيرا محدود ڪيا ۽ نہ ئي سڄي دنيا مان فوجي اڏن کي ختم ڪيو ويتر ترقي پذير ملڪن جي قدرتي وسيلن تي قبضا ۽ سامراجي استحصال کي جاري رکڻ لاءِ نوان فوجي اڏا قائم ڪيا پيا وڃن.

2. ويهين صديءَ جي پڇاڙڪي اڌ ۾ خاص طور تي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جيڪا گهڻ ڏسائين ۽ زبردست ترقي ڪئي اُها هڪ طرف انساني تهذيب جو عظيم سرمايو آهي تہ ٻئي طرف اُن جي ڪري سرمائيداراڻي نظام جي پيداواري صلاحيت،

استحصالي طاقت ۽ جنگي ۽ ظالماڻي قوت ۾ زبردست واڌ ٿي آهي. سامراجي عالمگيريت جي نئين سامراجيت جا بنياد اهي ئي آهن. پر ٽيڪنالاجي، سائنس ۽ تباهہ ڪندڙ هٿيارن جي قوت تي قائم مارڪيٽ ۽ منافعي جو جديد سرمائيداراڻو نظام پنهنجي اندروني تضادن جو خاتمو نہ ڪري سگهيو ۽ اڄ هڪ اڪٽ مالي ۽ معاشي بحران جو شڪار آهي.

3. اِن صورتحال ترقي يافتہ ملڪن سميت سڄي دنيا اندر هڪ نئين تحريڪ (اُٿپ) کي جنم ڏنو، جيڪا هڪ طرف سامراجي عالمگيريت جي معاشي ۽ مالياتي هٿيارن يعني ورلڊ بئنڪ، ايشيائي ترقياتي بئنڪ، آءِ ايم ايف ۽ ڊبليو ٽي او جي اُنهن پاليسين خلاف آهي، جيڪي عوام دشمن آهن ۽ ٻئي طرف آمريڪا ۽ اُن جي ساٿارين جي توسيع پسنداڻي هيڄ ۽ اُن غاصباڻي قبضي خلاف آهي جيڪو افغانستان ۽ عراق جي حوالي سان اڄ خاص طور تي بدنام زمانہ آهي. جيتوڻيڪ جديد ٽيڪنالاجي ۽ خاص طور تي معلومات جي پهچ جو ڦهلاءُ هڪ هاڪاري پيش رفت آهي. ڪاٻي ڌر ۽ سماجي تبديلي جون تحريڪون بہ قومي ۽ عالمي سطح تي معلومات ۽ نظرين جي پهچ ۽ پنهنجي جدوجهد کي منظم جوڙجڪ ڪرڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ۽ هٿيارن کي استعمال ڪري رهيون آهن. ۽ وڌ کان وڌ ماڻهو ان مان سهولت حاصل ڪري رهيا آهن. پر حقيقت هيءَ بہ آهي تہ اڄ وري سرمائيداراڻي ترقيءَ جي تصور کي نئين سر للڪارڻ جي اشد ضرورت آهي. ويهين صديءَ جي سوشلسٽ تجربن ثابت ڪيو آهي تہ صرف مادي ترقي ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي حاصلات سان سماجي شعور نہ ٿو اڀري.

4. آمريڪا ۾ سيپٽمبر 2001ع ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ پين جاين تي حملن جي نتيجي ۾ آمريڪي جارحيت ۾ واڌ ٿي. ”دهشتگرديءَ خلاف جنگ“ سامراجي طاقتن ۽ اُنهن جي پاڙيتو رياستن جو دنيا تي بالادستي قائم ڪرڻ جو هڪ نئون هٿيار بڻجي سامهون آيو. پاڪستان تي بہ اُن جا سڌي ريت اثر پيا. پاڪستان ۾ حڪومتون، خاص طور تي پاڪستاني فوج، پاڪستان ٺهڻ کان وٺي آمريڪي مفادن ۽ اُن جي علائقائي

حڪمت عمليءَ سان هوئين بہ جڙيل رهيون آهن ۽ اُن تي فخر بہ ڪنديون رهيون آهن. پاڪستان ۽ افغانستان ۾ مذهبي رجعت پسند عنصر ۽ اُنهن جا بنياد پرستاڻا نظريا ۽ اُنهن جي شدت پسنداڻن مقصدن کي آمريڪي پٺڀرائي سان پاڪستان جي ڳجهين ايجنسين هڪ ڊگهي عرصي تائين تاتيو پاليو. "جهاد ۽ جهادي" ڪجهہ سال اڳ تائين نہ رڳو پاڪستاني حڪمرانن جو پسنديده راڳ هو پر آمريڪا جا ڪميونيڪيشن جا ذريعا ۽ حڪومتي اهلڪار بہ ان جو ذڪر ڳُلي عام ڪندا هئا، پر 2001ع ۾ افغانستان تي آمريڪي ۽ نيٽو فوجن جي حملي بعد ان موقف ۾ تبديلي آندي وئي ۽ لفظ "جهاد" جي بدران بنياد پرستي، شدت پسندي ۽ دهشتگردي ۽ "وار آن ٽيرر" جي لفظن جاءِ والاري.

5. موقف ۾ ان تبديليءَ هڪ طرف آمريڪي رياست ۽ اُن جي چاڙتي سعودي بادشاهت جي پاڪستان جي فوج ۽ حڪمران طبقي سان لڳ لاڳاپي ۾ تبديليون آنديون ۽ اُن کي وڌيڪ پيچيده بڻايو ۽ اُن جو نتيجو غريب عوام ڀوڳيو تہ ٻئي طرف پاڪستان جي فوج ۽ حڪمران طبقي جي بالادست حيثيت کي اُن نئين موقف عمومي طور تي وڌيڪ هٿي ڏني. اُن نئين ۽ پراڻي ٻنهي موقفن مجموعي طور تي عوام جي آزاديءَ واري حقيقي سوالن سميت طبقاتي سوال، قومي سوال ۽ عورت جي سوال تي عوام جي شعور کي ڏنڊلو ڪري ڇڏيو آهي. جنهن عمومي طور تي سياست کي ۽ خاص طور تي ترقي پسند ۽ سيڪيولر سياست کي منجهائي ڪري پنهنجي دونهي جي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

پاڳو پهريون

پاڪستاني رياست جا معاشي ۽ سماجي تضاد

(1) طبقاتي تضاد

1.1 آقا ۽ غلام، جاگيردار ۽ هاري، سرمائيدار ۽ مزدور جي صورت ۾ مالڪ ۽ پورهيت جي وچ ۾ تضاد سيني طبقاتي معاشرن ۾ موجود رهيو آهي. اڄ پاڪستان ۾ به اهي طبقاتي تضاد پنهنجي سموري ڀيانڪ صورتن ۾ موجود آهن ۽ اسان جي سماجي ڍانچي ۾ جيڪي تبديليون ٿي رهيون آهن اُنهن جي نتيجي ۾ طبقاتي جبر ۾ وڏيڪ اضافو ٿي رهيو آهي جنهن جون ڪجهه شڪليون هيٺ ڏجن ٿيون:

1.2 ماضيءَ جي منظم صنعتي مزدور تحريڪ ڇڙوڇڙ ٿي چڪي آهي، پاڪستان جي ڪُل ليبر فورس جو صرف ٽي سيڪڙو مزدور ڪنهن ٽريڊ يونين جا ميمبر آهن جڏهن ته مزدورن جي وڏي اڪثريت غيررسمي شعبي ۾ بنا ڪنهن قانوني تحفظ جي پنهنجي محنت جي قوت وڪڻڻ تي مجبور آهي. ٺيڪيداري نظام ۽ ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت طبقو عام هجڻ ڪري مزدور ۽ خاص طور تي گهريلو پورهيتن جو تمام وڏو تعداد بدترين استحصال جو شڪار آهن. ملڪي ۽ بين الاقوامي سطح تي ليبر قانون ضرور منظور ٿين ٿا پر مزدورن ۽ خاص ڪري غيررسمي شعبي ۾ ڪم ڪندڙن کي مناسب اُجرت، ڪم جو تحفظ ۽ باعزت حالتون ميسر ناهن. اهوئي ڪارڻ آهي ته محنت ڪندڙن جي اڪثريت ان ڪوشش ۾ رهي ٿي ته پرڏيهه ملڪ وڃي ڪري روزي ڪمائي. اڄ پاڪستان جي نمبر هڪ ايڪسپورٽ ليبر آهي.

1.3 صنعتي شعبي کي مرحليوار تباهيءَ طرف ڌڪيو ويو آهي. ”آزاد“ مارڪيٽ جو عملي مطلب مقامي سرمائي کي مستقل طور تي عالمي سرمائي جو ڳيجهو بڻائڻ آهي. ٽيڪسٽائيل جهڙن شعبن ۾ اُهي ڪارخانا بند ٿي رهيا آهن جيڪي عالمي سرمائي جي دائري کان ٻاهر آهن ۽ ڪيترين ئي صنعتن ۾ مستقل ملازمت جو تصور موجود ئي ناهي.

1.4 وڏين زميندارين ۽ جاگيرداري ۽ قبائلي باقيات جي باوجود زراعت ۾ جاگيرداراڻا رشتا تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيا آهن. هاڻي مستقل بنيادن تي زمينن تي ڪم ڪندڙ هارين جي جاءِ ٺيڪي تي ڪم ڪندڙ ڀهراڙيءَ جا مزدور (ڪيت مزدور) وٺي رهيا آهن. ڪالهه جو ننڍو هاري ٻه ملڪي ۽ عالمي مارڪيٽ جي جبر جي ڪري پنهنجي زمين ڇڏڻ تي مجبور آهي. انگن اکرن مطابق پاڪستان جي ڀهراڙيءَ وارن علائقن ۾ هاڻي اٽڪل ٽي ڪروڙ ماڻهو بي زمين ٿي چڪا آهن. آڙهتي ۽ وچولي طبقي جي ٻين ڪاروباري فردن جي معاشي طاقت ڏاڍو تيزيءَ سان وڌي رهي آهي ۽ اهي حلقا گذريل ٻن ڏهاڪن دوران ملڪي سياست ۾ اهم رانديگرن طور ابريا آهن.

1.5 عورتن تي جبر ۽ استحصال ۾ ٻه واڌ ٿي رهي آهي. جاگيردار ۽ سرمائيدار نظام، طبقاتي ۽ صنفي تضاد جو ٻٽو طرفو نظام آهي، جتي جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام هڪ طرف منافعي لاءِ محنت ڪندڙ عورت جو طبقاتي بنيادن تي استحصال ڪري رهيو آهي، اُتي ٻئي طرف اُهو گهريلو معيشتم عورت جي بنا اُجرتي ڪم سان پنهنجي منافعي واري شرح ۾ ٻه اضافو ڪري رهيو آهي. جاگيرداراڻي معيشت ۾ عورت مزدور هڪ فرد طور تي نه پر هاري خاندان جي هڪ ميمبر طور ڪم ڪري رهي آهي ۽ معاوضو اُن کي نه، پر خاندان جي سربراهه کي ملي ٿو. سرمائيداري معيشت ۾ عورت مزدور ۽ مرد مزدور جي استحصال جا طريقا مختلف ٿين ٿا. سرمائيداراڻي معيشت ۾ عورت مزدور جي محنت نسبتن سستي اگهه تي خريد ڪئي وڃي ٿي ڇاڪاڻ ته اُن کي محنت جي مارڪيٽ ۾ ريزرو فوج وانگر سمجهيو وڃي ٿو. جنهن کي مارڪيٽ ۾ محنت جي ضرورت واري ڪوٽ واڌ جي پيش نظر ضرورت جي وقت استعمال ڪيو وڃي ٿو. ۽ ضرورت تحت واپس گهرن ۾ اماڻيو وڃي ٿو. ڀهراڙين مان مردن جي اڪثريت جو ٻين ملڪن ۽ شهرن ۾ روزگار لاءِ وڃڻ ڪانپوءِ هاڻي اڪثر ٻنين ۾ عورت جو ڪم ڪرڻ اُن جو سڀ کان وڏو مثال آهي پر اسان جو سماج ۽ رياست اُنهن عورتن کي نه ڪو هاري مڃڻ لاءِ تيار آهي ۽ نه ئي

مزدور قانونن تحت اُنهن کي منظم ٿيڻ جو حق ڏنو ويجي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي تہ سرمائيداري نظام ۾ اڪثر عورتون جُز وقتي ڪم ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿيون ۽ انهيءَ ڪارڻ مردن تي اُنهن جو معاشي انحصار قائم رهي ٿو.

1.6 شهرن جي آباديءَ ۾ تيزيءَ سان اضافو ٿي رهيو آهي ۽ ٻهراڙين کان شهرن جو رُخ ڪرڻ وارن جي تعداد ۾ مسلسل واڌ ٿي رهي آهي. ائين ٻهراڙيون اڳ کان بہ وڌيڪ نظرانداز ٿينديون پيون وڃن، جڏهن تہ شهرن ۾ مٿئين وچولي طبقي لاءِ نيون رهائشي اسڪيمون، گاڏيون ۽ مختلف قسمن جون پيون سهولتون مهيا ڪيون پيون وڃن. غريب ڪچي آبادين ۾ رهڻ وارا روڊن تي محنت وڪرو ڪرڻ تي مجبور آهن. رياست پنهنجي فلاحي ذميوارين کان الڳ ٿي رهي آهي جڏهن تہ خانگي شعبي جي ترجيح عوام جون ضرورتون پوريون ڪرڻ نہ پر منافعو ڪمائڻ آهي. ائين پاڪستان ۾ طبقاتي تضاد وقت سان گڏوگڏ شدت اختيار ڪندو پيو وڃي.

(2) سامراجي تضاد

2.1 پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ سامراجيت جا خوفناڪ اثر هر روز واضح ٿيندا پيا وڃن. سرمائي جو عالمي سطح تي ڦهلاءُ ۽ هڪ هٽي واري صورت اختيار ڪرڻ جي نتيجي ۾ ترقي پذير رياستن جي خودمختياري ختم ٿي رهي آهي. جتي ضرورت پوڻ تي سامراجي قوتون پنهنجو فوجي تسلط سڌيءَ ر بت قائم ڪن ٿيون يا وري سامراجي ايجنڊا کي پورو ڪرڻ جو فرض مقامي حڪمرانن کي سونپيو وڃي ٿو. اُن سامراجي يلغار جي ڪري سياست ۽ معيشت سان گڏوگڏ مقامي ۽ علائقائي ثقافتون بہ خطري ۾ آهن. تنهنڪري اڄ سامراجي عالمگيريت (گلوبلائيزيشن) خلاف مزاحمت نہ صرف معاشي ۽ سياسي سطح تي منظم ٿي رهي آهي پر اُن ويڙهہ ۾ ثقافت بہ اهم حيثيت اختيار ڪري چڪي آهي جنهن جو بهترين مثال لاطيني آمريڪا ۾ نين سوشلسٽ ر ستن ۾ مقامي ڪلچر کي هٽي ڏيارڻ آهي.

2.2 سامراجيت جي بنيادي علامت ماضيءَ وانگر اڄ بہ عالمي سطح تي ناهموار (غيرمتوازن) ترقي آهي. پيداواري سطح تي چين دنيا جي

سڀ کان وڏي معيشت بڻجي چڪو آهي جڏهن ته مالياتي سرمائي جي حوالي سان آمريڪا دنيا جو مرڪز آهي. عالمي سرمائيداراڻي مالياتي بحران واضح ڪري ڇڏيو آهي ته دنيا ۾ ڪو به ملڪ عالمي معاشي نظام کان ڪٽيل نه آهي. ٻئي طرف اها حقيقت به بي نقاب ٿي چڪي آهي ته سرمائيداريءَ جو بحران نه صرف مستقل آهي پر وقت سان گڏوگڏ سنگين به ٿيندو پيو وڃي. مالياتي سرمائي جي ڦهلاءَ جي نتيجي ۾ هڪ ننڍي اقليت اٿاهه دولت تي قابض ٿي آهي، جڏهن ته معاشري ۾ اقتصادي ناهمواريءَ ۾ تيزيءَ سان واڌ ٿي آهي ۽ ماحولياتي تباهي وڌي آهي. انسان جي پيداواري ۽ تخليقي صلاحيتن کي اڀارڻ بدران جديد مالياتي سرمائيداري جي ڪُڪ مان جنم وٺندڙ قدرن انسان سميت هر شي کي وڪري ۽ خريداريءَ جو وکر ئي بڻائي ڇڏيو آهي.

2.3 پاڪستان ۾ سامراج جي معاشي جبر جو اظهار اُنهن عالمي مالياتي ادارن جي پاليسين ۽ بين الاقوامي معاهدن جي صورت ۾ ٿيندو آهي جن ذريعي ”آزاد مارڪيٽ“ جي قيام جي نالي تي نجڪاري ۽ ملٽي نيشنلز (گهڻ قومي ادارن) جي هڪ هٽي جو رستو هموار ڪيو وڃي ٿو. گڏ ئي مالياتي قرضن جي واپسيءَ جو دٻاءُ ايترو وڌي ويو آهي جو اسٽيٽ بئنڪ اُنهن قرضن جي ادائگي ۽ بين غيرپيداواري خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ ساليانو هڪ ڪرب روپين کان وڌيڪ ماليت جا نوٽ ڇاپي رهي آهي. اُن تباهه ڪن صورتحال جي باوجود اسان جا حڪمران سامراجي ادارن جي چُرچ تي معيشت کي عالمي سرمائيدارن جي حوالي ڪندا پيا وڃن. عوام جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪندڙ بجلي، تيل، گيس، ٽرانسپورٽ ۽ مواصلات جهڙين سيني بنيادي صنعتن جا بکيا اديڙي وڪرو ڪيا پيا وڃن. جڏهن ته زمين، پاڻي، ٻيلن ۽ معدنيات جي ڦرلٽ جوعمل ايڏي تيزيءَ سان جاري آهي جو اسان جو قدرتي ماحول جلد ئي تباهيءَ جي ڪناري تي هوندو.

2.4 سامراج ”جمهوريت“ ۽ ”آزادي“ جي نالي تي افغانستان، عراق، لبيا ۽ وچ اوير جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ فوجي مداخلت ڪئي آهي يا سڌيءَ ريت قبضو ڪيو آهي. جڏهن ته افغانستان ۾ سامراجي مداخلت

۽ گذريل 35 سالن کان هلندڙ جنگ جي نتيجي ۾ مذهبي نفرت، فرقيواريت، دهشتگردي عروج تي آهن ۽ منشيات ۽ هٿيارن جو ڪاروبار پاڪستان ۾ متبادل معيشت جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. سرد جنگ جي آخري دور ۾ پاڪستان سامراجي ڪارروائين جي مهڙ وارو مورچو بڻيل رهيو، جنهن جا خطرناڪ اثر اڄ اسانجي لاءِ موتمار مرض بڻجي چڪا آهن.

2.5 سامراج هڪ ملڪ جو نالو نہ آهي. معيشت تي قبضي سان گڏوگڏ سامراج جا فوجي، سياسي ۽ ثقافتي اثر هر طرف ڦهليل نظر اچن ٿا. پاڪستان ۾ سامراجي قوتن ۾ آمريڪا سرفهرست آهي جڏهن تہ سعودي عرب بہ پنهنجن مخصوص مفادن خاطر اسان جي سماج جي ثقافت بدلائڻ ۾ جُتيو پيو آهي. سامراجيت جي هر صورت مان نجات حاصل ڪرڻ ۽ عالمي سرمائيداري نظام جي متبادل ڪي تعمير ڪرڻ لاءِ صبر طلب جدوجهد جي ضرورت آهي، جيڪا سڄي دنيا جي پورهيت طبقن ۽ انسان دوست قوتن سان گڏجي ڪرڻ گهرجي.

(3) مذهبي تضاد

3.1 سامراج ۽ اُن جي پاليل حڪمران طبقن هميشہ مذهب کي سماجي تبديليءَ جي قوتن خلاف هٿيار طور استعمال ڪيو آهي. اڄ پاڪستان سميت سڄي مسلم دنيا ۾ ترقي پسند ۽ بنياد پرست عنصرن جي وچ ۾ شديد فڪري ۽ سياسي ڇڪتاڻ جاري آهي. ترقي پسند عنصر رياست ۽ مذهب کي جدا رکڻ چاهين ٿا، جڏهن تہ بنياد پرستن جي فتوا آهي تہ رياست کي مذهب جي تابع هجڻ گهرجي. پاڪستان جي ابتدائي اسٽيبلشمنٽ "قرارداد مقاصد" جي شڪل ۾ رياست کي مذهب جي تابع ڪرڻ جو رستو مهيا ڪيو. بنگلاديش جي آزاديءَ کانپوءِ پاڪستاني فوج ۽ اُن جي پيروي ۾ باقي بچيل اسٽيبلشمنٽ پنهنجن مفادن جي تحفظ لاءِ پاڪستان کي مذهبي بنياد پرست رياست ۾ تبديل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. 1978ع واري افغان انقلاب کانپوءِ آمريڪا، سعودي عرب ۽ پاڪستاني حڪمرانن گڏجي ڪري مذهبي بنياد پرستن جي نہ صرف وڏي پيماني تي مالي ۽ عسڪري مدد ڪئي پر اسلامي جهاد جي نالي تي سڄي

معاشري تي نصاب، ميڊيا ۽ ديني مدرسن ذريعي هڪ تعصبي، تشدد واري، عوام دشمن ۽ مقامي ثقافتن جي نفي ڪندڙ ”سياسي اسلام“ کي لاڳو ڪري ڇڏيو. رياستي ادارن جي ٻاتيل پاليل ”جهادي“ قوتن نه صرف پاڙيسري ملڪن ۾ انتشار ڦهلايو پر ملڪ جي اندر فرقيوارانا فساد ڀڙڪايا. گڏوگڏ رياستي ادارن ۾ رجعتي سوچ رکندڙ فردن کي وڏي پيماني تي ڀرتي ڪيو ويو تنهنڪري اڄ پاڪستان جي هڪ سڄي نسل جا فڪري ۽ سماجي رويا ”سياسي اسلام“ جا طئي ڪيل آهن.

3.2 ان پسمنظر ۾ اسان جي خطي تي سامراجي غلبو ۽ حملو، دهشتگرديءَ خلاف نام نهاد جنگ ۽ فوجي آپريشنَ ۽ بربريت عوام جي زندگيءَ کي ناڪاري طور متاثر ڪري رهيا آهن. بلوچستان، ڪراچي، پختونخواهه ۽ فاٽا ۾ فوجي آپريشنن ۽ سڄي ملڪ ۾ دهشتگرديءَ جي واقعن عوام ۽ خاص طور تي عورتن ۽ ٻارن جو گهرن مان نڪرڻ محال ڪري ڇڏيو آهي. ڇچريل لاشن جو ملڻ روز جو معمول آهي. اسڪول ۽ اسپتالون بند ٿي ويون آهن. جبري لڏپلاڻ ڪرڻ سان عوام جون حالتون وڌيڪ خراب ٿينديون پيون وڃن. هن وقت صرف فاٽا مان جبري لڏپلاڻ ڪري ڪيمپن ۾ رهندڙن جو تعداد 40 لک تائين پهچي چڪو آهي. هن جنگ ۽ جدل، فوج گردي ۽ هٿيارن جي ڀرمار هڪ طرف پدرشاهي، طبقاتي جبر ۽ ملڪي معاشي ڪمزوريءَ کي عام طور تي وڌيڪ هٿي ڏني آهي ته ٻئي طرف بنيادپرستي ۽ دهشتگرديءَ عوام جي آزاديءَ وارن حقيقي سوالن کي ملڪي سياست مان غائب ڪري ڇڏيو آهي.

3.3 مذهبي بنياد پرستي جو وائرس اسان جي معاشري ۾ بُري طرح گهر ڪري چڪو آهي. مذهبي اشتعال انگيزي ۽ فرقيوارانا بربريت روز جو معمول آهي، مذهبي اقليتون ملڪ ڇڏي ڀڄي رهيون آهن. معاشري ۾ نه اختلاف جي گنجائش بچي آهي نه سهپ جي. اسان جي رياست مصلحت ۽ خوف سبب پنهنجي ئي پيدا ڪيل اُن مصيبت آڏو بي وس آهي. جڏهن ته سامراجي قوتن ڪڏهن مذهبي بنياد پرستن جي حمايت ڪئي آهي ته ڪڏهن اُنهن خلاف اهڙيون ڪاروائيون ڪيون آهن جن جي

ڪري آنهن کي منهن ڏيڻ وڌيڪ مشڪل ٿي ويو آهي. اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته روشن خيال عوام جو وسيع تر حلقو منظم جدوجهد ذريعي هن مذهبي بنياد پرستيءَ جو ٽوڙ ڪڍي ڪري ۽ سيڪيولر رياست، سياست ۽ معاشري جي قيام جي راهه هموار ڪري.

3.4 گذريل 12 سالن دوران مذهبي عسڪريت پسندن سان اڻ ڳڻيون ڳالهيون، امن معاهدا ۽ فوجي آپريشنن جي ناڪاميءَ ثابت ڪيو آهي ته رياست جا نظريا، رياستي ڍانچا، قومي سلامتي پاليسي ۽ پرڏيهي پاليسيءَ ۾ بنيادي تبديليون ڪرڻ بنا اهو مسئلو حل ٿيڻ جوڳو نه آهي. ڳالهيون، امن معاهدا ۽ فوجي آپريشنن جي سياست پاڪستان جي قومي سلامتي تي ٻڌل رياست (نيشنل سيڪيورٽي اسٽيٽ) جي خاصيت آهي، جيڪا فطري طور تي عوام کان "رازداري" ۽ "ڪوڙ" ۽ عوام جي موت يا جبري لڏپلاڻ تي ٻڌل آهي. اسان جي تاريخ گواهه آهي ته ان سان مذهبي جنونيت، تشدد، بربريت ۽ مذهبي فرقيواريت وڌي ٿي. اها حقيقت هاڻي کُلي ڪري سامهون اچي چڪي آهي ته "قومي سلامتي" تي ٻڌل رياست نه ڪو ملڪ ۾ امن جو قيام ڪري سگهي ٿي ۽ نه ئي رياست جي حاڪميت قائم ڪري سگهي ٿي. تنهنڪري رياست جا نظريا، ڍانچا، قومي سلامتي پاليسي ۽ پرڏيهي پاليسيءَ ۾ بنيادي تبديليون اٽر آهن. مذهب ۽ رياست کي الڳ ڪرڻ، عدم مداخلت ۽ پاڙيسري ملڪن سان پُرامن لاڳاپا ۽ خودمختياري تي ٻڌل پرڏيهي پاليسي، فوجي اسٽيبلشمنٽ ۽ ساڄي ڌر جي ڳٺ جوڙ کي ٽوڙڻ، رياست جو بنا متيبد سيني مذهبي دهشتگرد تنظيمن جي خاتمي لاءِ قدم کڻڻ، مذهبي عسڪريت پسندن جي مدد ۽ انهن جي پٺڀرائي کان هٿ ڪڻڻ، جهڙا اُپاءَ ڪرڻ بنا اهو مسئلو حل نه ٿيندو.

(4) قومي تضاد

4.1 پاڪستان هڪ گهڻ قومي رياست آهي پر اسان جي حڪمران طبقن پنهنجن مفادن خاطر پاڪستان کي هڪ حقيقي وفاقي رياست بدران مرڪزيت پسند رياست ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي.

جنهن جي نتيجي ۾ اوير پَاڪسِتان بنگلاديش بڻيو ۽ اڄ به مختلف قومي ايڪا پنهنجن حقن لاءِ وڙهي رهيا آهن. پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ پنجابي حڪمرانن جي بالادستي ٻين صوبن جي جاگيردارن سان ڳٽ جوڙ جي شڪل ۾ سامهون آئي. اڳتي هلي فوجي ۽ سول ڪامورا شاهيءَ ۾ پنجابين جي اڪثريت اِن معاملي ۾ فيصلاڪُن ڪردار ادا ڪيو. قلات اسٽيٽ ۽ فاٽا جو جبري الحاق ڪيو ويو. سنڌ ۽ بنگال جي ترقي پسند جمهوري سياسي قوتن کي ملڪ دشمن قرار ڏئي ڪري اُنهن علائقن تي فوج ڪشي ڪئي وئي ۽ ڪين رياستي جبر جو نشانو بڻايو ويو. حڪمرانن مذهب جي نظرياتي غلبي ۽ مضبوط مرڪز جي نظريي کي سياسي هٿيار طور استعمال ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان ۾ رهندڙ قومن جي وچ ۾ تضاد وڌيا.

4.2 بنيادي طور تي قومي تضاد جو تعلق اُنهن سياسي، معاشي ۽ ثقافتي محرومين سان آهي جيڪي پاڪستاني رياست ۾ وقت سان گڏوگڏ گڻبير ٿينديون پيون وڃن ۽ جن جو واضح اظهار پاڪستان اندر مراعت يافته ۽ پسمانده علائقن جي صورت ۾ نظر اچي ٿو. پاڪستان جي رياستي ادارن ۾ سيني قومن جي مناسب نمائندگي ڪڏهن موجود نه رهي ۽ نه ئي سرڪاري وسيلن جي ورڇ منصفاڻي رهي آهي، جڏهن ته قدرتي وسيلن تي اختيار قومن کان کسي ڪري مرڪز پاڻ وٽ رکيا. پاڻيءَ جي غيرمنصفاڻي ورڇ احساس محروميءَ کي وڌيڪ گهرو ڪيو. اُنهن سياسي ۽ معاشي محرومين سان گڏوگڏ پاڪستان اندر قومن جي سڃاڻپ جو مسئلو به سنگين ٿيندو ويو. 1948ع جي اردو بنگالي تڪرار مان ظاهر ٿيو ته حڪمران پاڪستان ۾ رهندڙ سيني قومن جي تاريخ ۽ ثقافت کي ميسارڻ لاءِ آتا آهن. بنگلاديش جي آزاديءَ مان سبق سکڻ بدران اسان جا حڪمران طبقا اڄ به بلوچ ۽ ٻين مظلوم قومن جي حقن جي جدوجهد کي ڪچلڻ ۾ مصروف آهن. چچريل لاش ملڻ ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ جي جواب ۾ قومپرستن جي هڪ حصي ۾ نسل پرستيءَ جا رجحان به اُڀرندي نظر اچن ٿا.

4.3 اُن حوالي سان نون صوبن جو قيام ۽ فاٽا جو مسئلو به انتهائي اهميت وارو آهي. نون صوبن جو قومن جي بنياد تي ٺهڻ ۽ فاٽا جو آئيني

خاتمو ۽ عوام جي امنگن مطابق نئين سر جوڙجڪ پاڪستان ۾ وفاقيت جي لازمي شرط آهي. پاڪستان جي حڪمرانن جي مرڪزيت پسنديءَ جو آخري انجام قومي آزاديءَ جي تحريڪن جو ڦهلاءُ آهي. ڇاڪاڻ ته عوام آخرڪار ظالماڻي سياسي، معاشي ۽ سماجي نظام کان هر صورت ڇوٽڪارو چاهي ٿو. هڪ حقيقي عوام دوست ۽ پورهيت عوام جي پارٽي تيسيتائين نه ٺهندي جيسيتائين قومي تضاد جي سمورن رُخن کي گهرائي ۾ سمجهيو نه ٿو وڃي ۽ اُن جي بنياد تي ٺوس حڪمت عملي ترتيب نه ٿي ڏني وڃي. تنهنڪري نئين سماجي معاهدي جي ضرورت آهي.

(5) صنفي تضاد

5.1 پاڪستان جو رياستي، معاشي ۽ سماجي نظام، مزدور طبقن، مظلوم قومن ۽ عورت تي جبر ۽ استحصال جي ٽن بنيادي ٿنڀن تي بيٺل آهي. اسان جي سماج جي معاشي ۽ سماجي ترقيءَ ۾ عورت پنهنجي محنت جو ٽيڻو حصو وجهڻ باوجود مردن جي ڀيٽ ۾ ڪمتر ۽ ٻئين درجي واري شهري سمجهي وڃي ٿي. خاص طور تي پورهيت طبقا، غيرمسلم ۽ مظلوم قومن سان تعلق رکندڙ عورتون سماج جو پسمانده ترين حصو آهي. هي نظام عورتن کان ونندڙ ٽيڻي محنت جي بنياد تي بيٺل آهي، اُهو به گهڻو ڪري بنا اُجرت واري محنت جي: (1) عورت خود مزدور طور ٻنين، ڪارخانن، ڀٽن، دفترن، اسڪولن، اسپتالن ۽ روڊن تي ڪم ڪري ٿي: (2) اُها مرد مزدور جي خدمت ڪري ٿي ته جيئن اُهو چُست ۽ صحتمند رهي، ڪم ڪندو رهي ۽ سرمايو ۽ منافعو پيدا ڪرڻ جو عمل جاري ساري رهي ۽ (3) اهو ته اُها نون مردن کي جنم ڏئي ٿي، پالي ٿي ۽ مزدور طور ئي تيار ڪري ٿي. عورت کي اِن ورڇ ۽ اُن تي ٻڌل جنسي ۽ سماجي لاڳاپا، ثقافت، اخلاقيات ۽ جماليات کان انحراف تي تمام سخت سزائون ملن ٿيون. مرد جي بالادستي تي ٻڌل هي نظام عورت تي جبر ۽ استحصال کي جاري رکڻ لاءِ تشدد کي هٿيار طوز استعمال ڪري ٿو. اسين سمجهون ٿا ته اُهي مادي بنياد جن جي مٿان اهو پدرشاهي نظام بيٺو آهي، اُهي عورت جي محنت، ٻار ڄڻڻ جي قوت ۽ جنسيت تي مرد جي بالادستي

آهي. ۽ اهو تہ عورت جي محنت، ٻار ڄڻڻ جي قوت ۽ جنسيت جي استعمال تي جاگيرداري، سرمائيداري ۽ پدرشاهي جي وچ ۾ متضاد مفادن باوجود اِنهن ٽنهي جو عورت خلاف پاڻ ۾ گڏ جوڙ ڏاڍو مضبوط آهي.

5.2 پاڪستان ٿهڻ ڪانپوءِ سرمائيداري نظام ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقيءَ ۽ غيرملڪي شين جي پرمار، عورتن جي تعليم، سياسي ۽ سماجي حقن جي تحريڪن سبب ڪجهہ سطحي تبديلين جي نتيجي ۾ عورتن جي زندگيءَ واري معيار ۾ معمولي بهتري تہ آئي آهي پر اُهي اڄ بہ صدين کان جاري سماجي جبر، استحصال ۽ جنس جي بنياد تي امتيازي سُلوڪ جو شڪار آهن. معاشري ۾ طبقاتي ۽ صنفي تعصبن جي ڪري عورت جي زندگي عذاب آهي. تعليم، صحت، روزگار ۽ انصاف جي حاصلات ۽ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ صنفي جبر جي ڪري عورتون مردن جي ڀيٽ ۾ انتهائي پسمانده آهن. پيداواري نظام، معاشي تبديليون، وڌندڙ غربت، شدت پسندي ۽ دهشتگرديءَ پورهيت طبقي جي عورت تي محنت جو بار ۽ صنفي جبر کي تمام گهڻو وڌائي ڇڏيو آهي. جاگيرداريءَ جي شڪار علائقن ۾ پنچائتن جي بنياد تي عورتن تي سرعام تشدد ڪيو وڃي ٿو. گهريلو تشدد بہ بنا ڪنهن طبقاتي فرق جي هر عورت جو مسئلو آهي. دنيا ۾ عورتن لاءِ خطرناڪ ترين سمجهيا ويندڙ ملڪن واري فهرست ۾ افغانستان ۽ ڪانگو ڪانپوءِ پاڪستان ٽئين نمبر تي آهي. گڏيل قومن جي عورتن جي ترقي ۽ حقن وارن 136 ملڪن جي فهرست ۾ پاڪستان جو 135 هون نمبر آهي. اسڪول نہ ويندڙ ٻارن جو تعداد نائجيريا ڪانپوءِ پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي جن ۾ اڪثريت ڇوڪرين جي آهي.

5.3 انساني سماج جي بقا ۾ انسان جي نئين تخليق ۽ پيداواري عمل لازم ملزوم آهن، اُنهن جي باهمي ڳانڍاپي ۾ سرمائيداري نظام ورڇ ذريعي هترادو طريقي سان تفريق پيدا ڪري ٿو. جنهن ۾ عورت جي ذميواري گهر جي اندر ۽ مرد جي گهر جي ٻاهر هجي ٿي. اُن صنفي تقسيم جي ڪري جتي پورهيت طبقي

جي مرد جو تضاد طبقاتي حوالي سان سرمائي سان ٿهي ٿو، اُتي انهيءَ نظام ۾ پدرشاهي نظام جي ڪري اهو گهر جي اندر عورت جي بنا اُجرت محنت مان به فائدو کڻي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي ته مزدور تحريڪن ۾ پيداوازي رشتن ۾ استحصال جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪئي ويندي رهي آهي پر بنا اُجرت وارن پيداواري رشتن ۾ صنفي استحصال جي خاتمي جون ڪوششون نمايان نظر نه ٿيون اچن ۽ اها ئي ڳالهه مزدور تحريڪ جي ڪمزوري جو هڪ بنيادي سبب به آهي. انڪري اسان کي پنهنجي سياست ۾ عورت تي صنفي جبر ۽ اُن جي طبقاتي استحصال جي ذاتي ۽ عوامي ٻنهي رُخن کان علاوه اُن جي ثقافتي ۽ سياسي رُخن کي به ڏسڻو پوندو.

5.4 اسين سمجهون ٿا ته پدرشاهي نظام عورتن تي صنفي جبر جو هڪ وڏو ڪارڻ ضرور آهي پر واحد ڪارڻ ناهي. صنفي جبر ۽ طبقاتي استحصال اڻ ٽٽ طريقي سان هڪٻئي سان جڙيل آهن. مثال طور جتي سڄي جو سڄو خاندان يا ڳوٺ جاگيردار، سردار يا سرمائيدار جي قبضي ۾ هجي، اُن خاندان جي عورت جو سڄو نظام بدلائڻ بنا صرف پدرشاهي کان مڪمل طور تي بچائڻ ۽ برابري ۽ آزادي ڏيارڻ ناممڪن آهي. اُنڪري غيرطبقاتي نظام جي قيام جي ڪاميابيءَ لاءِ لازم آهي ته استحصال جو شڪار پورهيت طبقو پنهنجن معمولي ۽ ثانوي مفادن کي، جيڪي کين سرمائيداري نظام ۾ پدرشاهي نظام جي ڪري ملي رهيا آهن، ترڪ ڪري. پورهيتن ۽ محنت ڪندڙ عوام جي استحصالي نظام جي خاتمي جي جدوجهد عورت تي جبر ۽ استحصال کان آزادي جو سوال اٿارڻ بنا ۽ عورتن جي شموليت بنا ڪامياب نه ٿو ٿي سگهي. اُنڪري پورهيت ۽ محنت ڪندڙ عوام کي جنس جي بنياد تي هڪٻئي سان جهڙن جڳهڙن بدارن اڻبرابري ۽ استحصالي نظام جي خاتمي جي گڏيل جدوجهد ڪرڻي پوندي. رياست جي طبقاتي ۽ صنفي بنيادن جو ادراڪ ڪندي اُنهن کي للڪارڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته اُن کانسواءِ سماجي انصاف ۽ صنفي برابريءَ تي ٻڌل اشتراڪي نظام جو قيام ناممڪن آهي.

ٻيو ڀاڱو
پاڪستاني سياست ۽ اسان جي پارٽي

پاڪستان جي موجوده سياست کي نظرياتي طور تي ٽن وڏن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، مذهبي سياست، پاپولسٽ سياست ۽ عوامي يا انقلابي سياست. اسان جي پارٽي اُنهن ٽنهي سياسي رجحانن جي باري ۾ واضح موقف رکي ٿي.

(1) مذهبي سياست

1.1 اسان جي حڪمران طبقن مذهب کي سماجي تبديليءَ جي قوتن خلاف ۽ سماجي ۽ معاشي ڍانچي کي جيئن جو تيئن رکڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي. اسلام اسان جي ملڪ جي اڪثريت جو مذهب آهي پر ننڍي کنڊ جي مسلمانن ۾ تاريخي طور تي ڪڏهن به مذهبي بنيادپرستي جي روايت نه رهي آهي. موجوده دور ۾ اها صورتحال تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي. مذهب سياست بڻجي چڪو آهي ۽ خود رياست اُن ڪاروبار ۾ شامل آهي. اڄ پاڪستان جي سيني وڏن مذهبي فرقن پنهنجيون سياسي پارٽيون قائم ڪري رکيون آهن، ڪيترئين ئي مذهبي عسڪري تنظيمون اُن کان علاوه آهن. آئيني تحفظ سان گڏ مذهبي فرقن ۽ گروهي بنيادن تي قائم سياسي پارٽين ئي سڄي ملڪ ۾ فرقيواريت کي چوٽ چاڙهيو آهي جنهن جي ڪري اڄ سڄو سماج عدم برداشت (اسهپ) جو شڪار ٿي ويو آهي. 1947ع کان 2000ع تائين اهي مذهبي سياسي پارٽيون آمريڪا ۽ ٻين سامراجي ملڪن جي مخالفت نه ڪنديون هيون پر آمريڪي آشيرواد ۽ عملي مدد سان ئي اشتراڪي ملڪن ۽ اشتراڪي نظام جي مخالفت ڪنديون هيون. سيپٽمبر 2001ع ۾ آمريڪا جي ٽاورز تي هوائي حملي جي واقعن ۽ عراق ۽ افغانستان ۾ نيٽو جي فوجي قبضي بعد اُنهن مذهبي سياسي پارٽين آمريڪا دشمنيءَ کي پنهنجي سياست جو محور بڻايو آهي، ائين عوام ۾ موجود سامراج مخالف جذبن مان سياسي

فائدو ڪڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن. عملي طور تي اُنهن پارٽين جو سامراجيت سان ڪو بنيادي تضاد نہ آهي ڇاڪاڻ تہ مذهبي سياسي پارٽين جو سرمائيداري نظام سان ڪو بنيادي اختلاف ناهي پر اُنهن پارٽين جي سامراج مخالفت، ثقافتي ۽ مذهبي نعري بازي تائين محدود آهي. آخري تجزيي ۾ اهي سياسي پارٽيون ملڪي معاملن ۾ مُلن کي نظرياتي ويٽو جو اختيار ڏيڻ چاهين ٿيون ۽ ائين اقتدار ۾ ڀائيوار ٿيڻ چاهين ٿيون. اهي جماعتون پنهنجي مذهبي موقف، اٿاهہ فنڊن، فسطائي طريقي ڪار ۽ مسجدن ۽ مدرسن جي وسيع ڄار ذريعي شهرن ۽ ٻهراڙين جي نيم پڙهيل لکيل بيروزگار ماڻهن خاص ڪري ديني مدرسن جي شاگردن کي پنهنجي پاسي راغب ڪن ٿيون. سوات جي تجربي مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ مذهبي عسڪري تنظيمن ۾ جتي پيشيوراڻہ قاتلن کي ڀرتي ڪيو وڃي ٿو اُتي طبقاتي تضاد کي اڀاري ڪري غريب پورهيتن جي مجبورين کي استعمال ڪندي کين "جهاد" جي نالي تي گمراهہ ڪيو وڃي ٿو. شهرن ۾ وچولي طبقي جو هڪ حصو بہ مذهبي سياست جي حمايت ڪندي نظر اچي ٿو. سڀ کان خطرناڪ ڳالهہ مذهبي سياسي جماعتن جي تبليغي مدرسن جو ٻهراڙين جي عورتن ۾ وڌندڙ اثر رسوخ ۽ مقبوليت آهي جيڪا نسلن جي بربادي‌ءَ جو سبب بڻجندي. اُنهن جماعتن کي جذباتي مذهبي نعري بازي‌ءَ ذريعي عوام جي هڪ محدود حصي ۾ مقبوليت حاصل آهي. پر رياستي سطح تي اُنهن تنظيمن جا لاڳاپا ۽ پرڏيهي مالي مدد جي ڪري مذهبي سياست جو دائرو ڦهلجڻ جا امڪان موجود آهن.

1.2 اهي مذهبي سياسي جماعتون هڪ طرف پاڪستان جي آئين جي بظاهر حمايت ڪن ٿيون، جنهن جا بنياد سرمائيداراڻي جمهوريت تي رکيل آهن. پر ٻئي طرف خلافت ۽ امارات جي مذهبي سياسي نظام کي مڃين ٿيون ۽ اُنهن جي بقول عملي طور تي نافذ ڪرڻ چاهين ٿيون. اُنهن مان ڪجهہ افغانستان

جي مُلا عمر واري اسلامي امارتي نظام کي پنهنجو آئيڊيل سمجهن ٿيون. اسلامي جمهوريہ پاڪستان جو آئين هجي يا ملا عمر جو امارتي نظام، پنهي ۾ بادشاهت جو تصور نہ آهي. پر اهي مذهبي سياسي پارٽيون ڪڏهن بہ سعودي عرب جي بادشاهت ۽ عربن جي ٻين شيخ رياستن جي نظام، جيڪي سڀ بادشاهتون ئي آهن، اُنهن جي مخالفت نہ ٿيون ڪن، ڇاڪاڻ تہ اُنهن ئي ملڪن جي مالي مدد سان اُنهن جا هزارين مدرسا ۽ ڪاروبار هلن ٿا. اصل ۾ هي مذهبي سياسي پارٽيون، جمهوريت ۽ عقل ۽ فهم جي بنياد تي سماجي ترقيءَ جون مخالف آهن. جاگيرداراڻي، سرمائيداراڻي معاشي نظام کي قائم رکڻ چاهين ٿيون، ۽ معاشري کي سماجي طور تي وڌيڪ پسماندگيءَ جي اٿاهہ گهرائين ۾ اُڇلڻ چاهين ٿيون. جنهن جو فائدو طبقاتي نظام جي بالادست قوتن کي ئي ٿيندو، سرمائيداري ۽ سامراجيت کي مضبوط ڪرڻ ئي اُنهن جو ۽ اُنهن جي سرپرست قومي ۽ بين الاقوامي طاقتن جو مقصد آهي.

(2) پاپولسٽ سياست

2.1 پاڪستان ۾ گهڻو عرصو پاپولسٽ يعني مقبوليت پسند سياستدان اقتدار ۾ رهيا آهن. ڪيترن فوجي سربراهن بہ پاپولسٽ سياست جو سهارو ورتو آهي. پاپولسٽ سياستدان معاشري جي سيني طبقن کي خوش ڪرڻ چاهين ٿا، تنهنڪري اُنهن جو پروگرام پارنهن مصالحن جي چاٽ هوندو آهي. پاڪستان ۾ پاپولسٽ سياست جي فارمولي ۾ ضرورت موجب تبديلي ٿيندي رهندي آهي پر قومي غيرت، اسلام جو غلبو، انڊيا دشمني، آمريڪا کي للڪارڻ ۽ ڪرپشن ۽ غربت وغيره، خلاف نعرا هڻڻ، پاپولسٽن جا آزمايل نسخا آهن. اُنهن نعرن جو فوجي جنرل، مسلم ليگ، پيپلز پارٽي ۽ تحريڪ انصاف جهڙيون پاپولسٽ پارٽيون ڪثرت سان استعمال ڪن ٿيون.

2.2 پاپولسٽ سياستدان نظام ۾ بنيادي تبديلي نہ ٿا چاهين. اهي ٺوس پروگرام بدران عوام جي جذبن کي اڀاري ۽ کين پپيون ڏئي پنهنجي پٺيان لڳائي رکڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا ۽ پنهنجي ليڊر جي ذاتي ڪرشمي جي ڏيءِ تي اقتدار حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. اُنهن جا نعرا ڪهڙا بہ هجن پاپولسٽ آخري تجزيي ۾ غريب پورهيت عوام جي نہ پر اشرافيا جي ڪنهن مخصوص حصي جي نمائندگي ڪندا رهندا آهن.

2.3 پاپولزم سيني طبقنَ کي متاثر ڪري ٿي پر اُن جا سرگرم ترين ڪارڪن سياسي مستقبل ٺاهڻ جا خواهشمند، وچولي طبقي جا پڙهيا لکيا پيشيور فرد هوندا آهن. اڄ پاڪستان جي آباديءَ جو 65 سيڪڙو نوجوانن تي ٻڌل آهي جنهن جو هڪ حصو حقيقي سياسي متبادل نہ هجڻ ڪري پاپولزم ڏانهن مائل ٿي رهيو آهي. عوامي سياست جي راهہ ۾پاپولزم هڪ سنجيده رنڊڪ آهي جنهن کي هٽائڻ ضروري آهي. مزدورن، هارين، وچولي طبقي، نوجوانن، عورتن ۽ اقليتن ۾ وسيع پيماني تي سياسي ۽ سماجي ڪم ذريعي ئي پاپولزم جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو.

(3) عوامي ۽ انقلابي سياست

3.1 عوامي سياست جو بنيادي مقصد غريب پورهيت عوام کي هن ملڪ جو حقيقي مالڪ ۽ وارث بڻائڻ ۽ جبر ۽ استحصال جي قومي، جنسي ۽ ثقافتي ڏاڍ سميت سمورين صورتن جو خاتمو ڪرڻ آهي. اها تاريخي تبديلي هڪ گهڻ پاسائين فڪري، سماجي ۽ سياسي انقلاب جي گهُر ڪري ٿي. عوام جي سياست ڪندڙ حلقا اهڙي انقلاب لاءِ گهڻي عرصي کان متحرڪ ۽ مصروف آهن. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ جڏهن پاڪستاني حڪمرانن سرد جنگ ۾ سامراجي ڪيمپ سان الحاق جو فيصلو ڪيو تہ رياستي، سامراجي ۽ رجعتي حلقن جي سخت مخالفت باوجود عوامي يا انقلابي سياست ڪندڙن اشتراڪي نظام لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ معاشري ۾ روشن خيالي

ٿهلائي؛ انساني حق خاص ڪري عورتن ۽ اقليتن جي حقن جو تحفظ ڪيو؛ مزدورن، هارين ۽ نوجوانن کي منظم ڪيو ۽ اُنهن جي حقن جي جدوجهد ۾ ڳاٽيڙي جوڳيون قربانيون ڏنيون؛ قومي حق ۽ وفاقيت خاطر ترقي پسند قومپرستن سان ڪُلهو ڪُلهي ۾ ملائي وڙهيا ۽ قيد جون سختيون برداشت ڪيائون ايتريقدر جو زندگين جا نذرانا به پيش ڪيائون. ملڪ کي پروگريسو پيپرز جي صورت ۾ اُن جي بهترين پريس ڏني ۽ عوام سان ڳنڍيل سگهاريون سياسي پارٽيون قائم ڪيون. پر ڪاٻي ڌر جي آزاداڻي سجاڳ عوام جي وسيع تر حلقي ۾ نه ايري سگهي. جنهنجو سبب معروضي حالتن سان گڏوگڏ ڪاٻي ڌر ۾ موجود نظرياتي ۽ تنظيمي خاميون هيون.

3.2 توڙي جو 80ع واري ڏهاڪي ۾ ڪاٻي ڌر جي حلقن جمهوري جدوجهد جي شاندار روايت کي قائم رکيو پر منظم رياستي دٻاءَ ۽ اندروني ڪمزورين جي ڪري ترقي پسند عوامي سياست ڇڙوڇڙ ٿي وئي، جنهن سان مزدورن، هارين ۽ نوجوانن جون تحريڪون غيرفعال ٿي ويون. 1990ع ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ بعد مايوسيءَ ۾ ويتر واڌ ٿي. پر پاڪستاني انقلابين جي بهترين حصن صرف تحريڪ جو تسلسل جاري رکيو پر ڪاٻي ڌر جي مختلف پارٽين کي اُن عرصي ۾ ڪٺو ڪيو ۽ ڪاٻي ڌر جي هڪ ڳنڍيل ملڪ گير وفاقي ۽ جمهوري ۽ انقلابي پارٽيءَ جي قيام جون ڪوششون جاري رکيون. عوامي ورڪرز پارٽيءَ جو قيام اُنهن ئي ڪوششن جو ميوو آهي.

3.4 عوامي ورڪرز پارٽي ڪاٻي ڌر جي سياست جي بهترين روايتن کي ڪٺو ڪيو آهي. اسين سمجهون ٿا ته اسان جا انقلابي نظريا ۽ اڻ ٿڪ جدوجهد جي ذريعي ئي پاڪستان جي پورهيت عوام ۽ مظلوم قومن کي ظلم ۽ بربريت مان نجات ملي سگهي ٿي.

ڀاڱو ٽيون

پارٽيءَ جا بنيادي رهنما اصول

1. پارٽيءَ جو اعلي مقصد ملڪي ۽ عالمي سطح تي هڪ اهڙي سماج جو قيام آهي جنهن ۾ هر ماڻهوءَ کان اُن جي علم ۽ هنر مطابق ڪم ورتو ويندو ۽ اُن جي ڪم مطابق معاوضو ڏنو ويندو. ائين سوشلزم جي نظام جي تعمير سان ئي انسان جو انسان هٿان استحصال جو خاتمو ممڪن ٿيندو ۽ ملڪ جي هر شهريءَ کي رنگ، نسل، جنس، قوم، مذهب ۽ فرقي جي فرق بنا برابر معاشي، سماجي ۽ سياسي حق حاصل هوندا. پارٽي اُن جدوجهد جي تڪميل لاءِ استحصال جي شڪار پاڪستان جي سيني پورهيت عوام ۽ محڪوم قومن کي منظم ڪندي ۽ پنهنجي تحريڪ کي بين الاقوامي طور تي جاري اهڙين ئي ٻين تحريڪن سان جوڙيندي.
2. پارٽي عورتن تي تاريخي ڏاڍ ۽ پدرشاهيءَ جو ادارڪ ڪندي، مرد جي بالادستيءَ تي ٻڌل سيني معاشي، رياستي، سماجي ڍانچن ۽ روايتن جي خاتمي لاءِ جدوجهد جاري رکندي. ۽ گهريلو، معاشرتي ۽ رياستي سطح تي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ عورتن جي برابري، ترقي، نمائندگي ۽ آزاديءَ کي يقيني بڻائيندي.
3. پارٽي ڪنهن به ساڄي ڌر جي مذهبي ۽ بنياد پرست ۽ عورت دشمن سياسي جماعت سان ڪنهن به قسم جو چونڊ اتحاد نه ڪندي.
4. پارٽي جاگيرداري، وڏيراشاهي، پدرشاهي، قبائلي ۽ سرداري نظام ۽ سرمائيداريءَ جي خاتمي لاءِ ۽ پاڪستان کي هڪ جديد صنعتي ملڪ بڻائڻ لاءِ جدوجهد ڪندي، ملڪي معيشت جو عالمي مالياتي ادارن تي انحصار ختم ڪيو ويندو. هڪ هٿي واري سرمائيداري جيڪا گهڻ پاسائين صنعتي ترقيءَ جي

رستي ۾ رنڊڪ آهي ختم ڪئي ويندي، پارٽي صنعت ۽ تجارت ۽ سائنسي ترقي لاءِ علائقائي تعاون جي پاليسي اختيار ڪندي.

5. پارٽي پاڪستان کي هڪ گهڻ قومي رياست سمجهي ٿي ۽ هڪ اهڙي وفاقي رياست ٺاهڻ لاءِ جدوجهد ڪندي جنهن ۾ شامل سڀني ايڪن کي پنهنجن معاشي وسيلن تي اختيار حاصل هجي ۽ اُهي معاشي، سماجي ۽ ثقافتي ترقي ڪري سگهن. هڪ گهڻ قومي ملڪ هجڻ ناتي قومن جي خوداراديت واري حق سميت عليحدگيءَ جي حق کي تسليم ڪري ٿي.

6. اسان جي پارٽي سامراجيت جي هر صورت خلاف آهي. اسان هڪ اهڙي دنيا ٺاهڻ چاهيون ٿا جنهن ۾ سامراج جي معاشي ۽ سياسي غلامي ۽ اُن جي مالياتي ادارن جي بالادستيءَ جو خاتمو هجي، دنيا جو سمورو عوام ۽ قومون معاشي، سياسي ۽ ثقافتي لحاظ کان حقيقي معنائن ۾ آزاد هجن، عالمي امن قائم هجي ۽ ايٽمي هٿيارن سميت سمورن خطرناڪ هٿيارن کان هن خطي ۽ دنيا کي پاڪ ڪيو وڃي.

7. پارٽي ملڪ جي صنعتي ۽ کيت مزدورن، هارين، پيشيور حلقن ۽ ٻين محنت ڪندڙ عوام، شاگردن ۽ نوجوانن کي اُنهن جي پنهنجين تنظيمن ۾ منظم ڪندي ۽ اُنهن جي سياسي ۽ نظرياتي تربيت ڪندي.

8. پارٽي تعليم، صحت، رهائش ۽ روزگار کي هر شهريءَ جو بنيادي حق ۽ رياست جي ذميواري سمجهي ٿي ۽ اُن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪندي.

9. پارٽي مذهبي اقليتن کي سماج جو اهم حصو سمجهندي اُنهن جي برابر معاشي، سياسي، سماجي ۽ مذهبي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي.

10. پارٽي اُنهن اصولن ۽ پروگرام کي سامهون رکندي وفاقي ايڪن جي رضامنديءَ سان پاڪستاني رياست لاءِ هڪ نئون سماجي معاهدو جوڙيندي.

ياڱون چوٿون

اسان جو عبوري پروگرام

مٿي بيان ڪيل اصولن سان گڏ سوشلسٽ معاشري جي قيام، انسان جي انسان هٿان استحصال جي خاتمي ۽ حتمي طور تي هڪ غيرطبقاتي سماج جي قيام جي جدوجهد واري عبوري دور ۾ عوامي ورڪرز پارٽيءَ جي سياسي، معاشي ۽ سماجي پروگرام جا اهم نقطا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) سياسي پروگرام

1.1 رياست

- وفاقي، قومي ۽ مقامي هر ٽن سطحن تي بااختيار چونڊيل حڪومتون قائم ڪيون وينديون.
- اسيمبلين لاءِ برابريءَ جي بنياد تي نمائندگيءَ وارو چونڊ طريقي ڪار رائج ڪيو ويندو جنهن ۾ مزدورن، هارين، عورتن، اقليتن ۽ ماهرن جي نمائندگيءَ کي يقيني بڻايو ويندو.
- سڀ رياستي ادارا عوام جي جمهوري ضابطي هيٺ هوندا. سرڪاري معاملن ۾ واضح پاليسي ۽ وقت سر عملدرآمد جو مقصد اپنايو ويندو.
- فوج، پوليس، خزاني ۽ عدليه جي ڪاتن جي عوامي مفادن ۾ نئين سر جوڙجڪ ڪئي ويندي ۽ اُنهن جي سيني معاملنِ کي فعال، شفاف ۽ جوابده بڻايو ويندو.
- فوجي خرچ گهٽ ڪيا ويندا. هٿيارن جي ڊوڙ ختم ڪئي ويندي. فوج کان امن وارن ڏينهن ۾ ترقياتي ڪم ورتو ويندو. آفيسرن ۽ سپاهين جي پگهارن ۽ مراعتن ۾ موجوده فرق گهٽ ڪيو ويندو.

1.2 وفاق

- پاڪستان هڪ جمهوري وفاق هوندو. جنهن جي وفاقي ايڪن جي تهذيبي، لساني، معاشي ۽ جاگرافيائي هم آهنگي ۽ تاريخي پسمنظر جي بنياد تي جمهوري طريقن سان نئين سر جوڙجڪ

ڪئي ويندي. وفاقي ايڪا سياسي طور تي خودمختيار ۽ پنهنجن قدرتي وسيلن جا مالڪ هوندا. هڪ گهڻ قومي ملڪ هجڻ ناتي سيني قوميتن کي حق خوداراديت سميت عليحدگيءَ واري حق کي آئيني طور تي تسليم ڪيو ويندو.

- فاٽا ۾ نوآبادياتي (بينيڪتي) دور جو ڪارو قانون FCR-40 ختم ڪيو ويندو. هتان جي عوام کي اُهي سمورا سياسي ۽ قانوني حق ڏنا ويندا جيڪي پاڪستان جي آئين تحت ٻين علائقن ۾ رهندڙن کي حاصل آهن.
- پاڪستان ۽ ڀارت جي ڪنٽرول هيٺ رياست جمون ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي عوام کي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو مڪمل ۽ غيرمحدود حق ڏنو ويندو.
- ڪشمير واري مسئلي جي حل تائين آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان تي ٿاڦيل نوڪر شاهاڻي نظام، گلگت ۽ ڪشمير ڪائونسلون، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي معاملن واري وزارت کي جلدي ختم ڪري اُنهن علائقن ۾ آزاد ۽ خودمختيار حڪومتون قائم ڪيون ونديون ته جيئن اُنهن علائقن جي وسيلن تي مقامي ماڻهن جو اختيار بحال ٿي سگهي.
- گلگت بلتستان ۽ ڪشمير ۾ وڏن ڊيمن جي تعمير سميت ڪو به اهڙو منصوبو نه بڻايو ويندو جنهن سان اُنهن علائقن جي تاريخي ۽ جاگرافيائي حيثيت متاثر ٿئي ۽ ماحولياتي مسئلا جنم وٺن. منگلا ڊيم سميت ٻين اڏيل ڊيمن جي رائلٽي مقامي ماڻهن کي ڏني ويندي..
- گلگت بلتستان ۽ خيبرپختونخواهه جي وچ ۾ سرحدي تڪرار کي جلد حل ڪيو ويندو. گلگت بلتستان، ڪشمير ۽ لداخ جي وچ ۾ تاريخي رستن کي جلدي کوليو ويندو.
- جيئن ته ڪشمير ۽ گلگت بلتستان آئيني طور تي پاڪستان جو حصو نه آهن تنهنڪري اُتان جو عوام پنهنجن سياسي ۽ معاشي صورتحال مطابق پنهنجيون سياسي پارٽيون ٺاهڻ ۽ پاليسيون

ترتيب ڏيڻ لاءِ آزاد ۽ خودمختيار هوندو، پر ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جا اُهي ماڻهو جيڪي پاڪستان ۾ رهن ٿا اُهي عوامي ورڪرز پارٽيءَ جي ميمبرشپ (رُڪنيت) اختيار ڪري سگهن ٿا. اُن ڪان علاوه ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي هم خيال پارٽين کي وفاقي ڪميٽيءَ ۾ نمائندگي ڏني ويندي.

- سرڪاري وسيلن جي ورڇ ۾ پسمانده علائقن ۽ قومي ايڪن سان ٿيندڙ ناانصافين جو ازالو ڪندي پسماندگيءَ جي خاتمي کي بنيادي اهميت ڏني ويندي.
- پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين کي پاڪستان ۾ ٿيندڙ عام چونڊن ۾ ووٽ جو حق ڏنو ويندو.

1.3 پرڏيهي پاليسي

- سڄي دنيا ۾ امن ۽ جمهوريت جي حمايت ڪئي ويندي. پاڙيسرين سميت سڀني ملڪن سان برابريءَ جي اصولن تي دوستاڻا لاڳاپا قائم ڪيا ويندا. آمريڪا ۽ ٻين سامراجي ملڪن جي معاشي، سياسي ۽ فوجي پاليسين جي مقامي ۽ عالمي سطح تي مخالفت ڪئي ويندي. قومي آزاديءَ جي تحريڪن ۽ سڄي دنيا ۾ عوام دوست انقلابن جي حمايت ڪئي ويندي. پاڪستان ٻين ملڪن جي اندروني معاملن ۾ نہ مداخلت ڪندو ۽ نہ وري پاڪستان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت برداشت ڪئي ويندي.

(2) معاشي پروگرام

2.1 بنيادي ضرورتون

- تعليم، صحت، رهائش، ٽرانسپورٽ، بجلي، گيس، تيل ۽ پاڻيءَ جهڙين ڏيهاڙيءَ جي عوامي ضرورتن وارا شعبا رياستي تحويل ۾ هوندا ۽ سڀني شهرين کي اُنهن سهولتن جي فراهميءَ کي يقيني بڻايو ويندو. فوجي خرچ گهٽ ڪري تعليم تي جي ڊي پي (مجموعي گهرو پيداوار) جو گهٽ ۾ گهٽ 10 سيڪڙو، صحت تي ڇهہ سيڪڙو ۽ رهائش جي فراهميءَ تي پنج سيڪڙو خرچ ڪيو ويندو.

2.2 صنعت

- حڪومت معيشت جي عمومي رٿابندي ۽ نگراني ڪندي.
- "آزاد"مارڪيٽ، نجڪاري ۽ محنت تي پابندين تي ٻڌل سرمائيداراڻي عالمگيريت جي مخالفت ڪئي ويندي.

- قومي ملڪيت ۾ ورتل صنعتن کي فعال ڪيو ويندو. پاڪستاني مالياتي ادارن ۽ بئنڪن طرفان سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ سول ۽ فوجي ڪامورن کي ڏنل قرضن جي مڪمل وصولي ڪئي ويندي ۽ اينڊڙ وقت ۾ سياسي بنيادن تي اهڙن قرضن جي فراهميءَ تي مڪمل پابندي لڳائي ويندي.
- وڏين صنعتن، فوج ۽ ٻين بنيادي ضرورتن جي شعبن ۽ سرڪاري ڪاتن ۽ خودمختيار صنعتن کي عوامي تحويل ۾ ورتو ويندو. عوام جي معيار زندگي بهتر بنائڻ لاءِ صنعتي ترقيءَ جي پاليسيءَ ۾ گهريلو سامان ۽ گهريلو ڪم جي مشينن جي وڏي پيماني تي سرڪاري شعبي ۾ پيداوار ۽ سستي اگهه تي موجودگيءَ تي خاص ڌيان ڏنو ويندو.
- صنعتي ترقيءَ لاءِ نجي سرمائيڪاريءَ جي اجازت هوندي خاص ڪري ملڪ جي پسمانده علائقن ۾ ترجيحي بنيادن تي نيون صنعتون قائم ڪيون وينديون پر خانگي صنعت کي هڪ هٽي ۽ بي لغام منافعي خوريءَ جي اجازت نہ هوندي ۽ نہ پورهيتن جي قانوني حقن جي پئماليءَ جي اجازت ڏني ويندي. روزگار جي حاصلات ۾ مقامي آباديءَ کي اوليت جو حق حاصل هوندو. خانگي شعبي جي مزدورن کي اُهي معاشي ۽ سماجي حق حاصل هوندا جيڪي سرڪاري شعبي جي مزدورن کي حاصل آهن.
- صنعتي ترقي، معاشي آزادي ۽ خودمختياري لاءِ علائقائي ۽ ترقي پذير ملڪن سان تعاون ۽ اشتراڪ تي ٻڌل معاهدا ڪيا ويندا.
- گهڻ قومي (ملٽي نيشنل) سرمائيڪارن جي منافعي جي شرح کي ملڪي ۽ عوامي مفادن ۾ طئي ڪيو ويندو.
- پورهيتن جي اُجرتن کي مهانگائيءَ جي لحاظ کان وڌايو ويندو. ڪارخانن ۾ ٺيڪيداري نظام ختم ڪيو ويندو. جبري پورهيي جي خاتمي لاءِ موجود قانونن تي عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو ۽ مزدور دوست پاليسي ۽ نوان قانون ٺاهيا ويندا.
- عورتن جي ڪم تي پابندي جهڙا سمورا جاگيرداراڻا تعصب ختم ڪيا ويندا. هڪجهڙن ڪمن جو هڪجيترو معاوضو يقيني بڻايو ويندو.
- پاڻي ۽ توانائي جا بحران هنگامي طور تي حل ڪيا ويندا.

2.3 زراعت

- وڏين زميندارين، سرداري ۽ جاگيرداري نظام جو خاتمو ڪيو ويندو ۽ ملٽري فارمز جي نالي تي قبايل سموري ايراضي ۽ فوجي ۽ سول ڪاموراشاهيءَ کي ڏنل سموري زمين ضبط ڪري بي زمين هارين ۽ مزارعين ۾ بنا ڪنهن فرق جي برابر ۽ مفت ورهائي ويندي. زرعي زمين جي ملڪيت جي حد 25 ايڪڙ نهري ۽ 50 ايڪڙ باراني في آبادگار خاندان مقرر ڪئي ويندي. ملڪي ۽ غيرملڪي سرمائيڪارن کي زرعي زمينن جي الاٽمينٽ، مقعاطو ۽ وڪرو ختم ڪيو ويندو.
- زرعي دوائون، هٽرادو ٻاڻ ۽ ٻج تيار ڪندڙ وڏن ڪارخانن ۽ ادارن کي ريگيوليٽ ڪيو ويندو ۽ انهن جي قيمتن ۾ چڱي موچاري گهٽتائي ڪئي ويندي.
- ڪيت مزدور ۽ ڀهراڙيءَ جي پورهيتن کي صنعتي مزدورن جي برابر حق ۽ مراعتون ڏنيون وينديون.

2.4 ٽيڪس ۽ پرڏيهي قرض

- ٽيڪس جي نظام کي نئين سر منصفاڻن بنيادن تي ترتيب ڏنو ويندو. عوام کي اڻسڌن ٽيڪسن مان نجات ڏياري ويندي. آمدنيءَ جي بنياد تي ٽيڪس جو اصول زراعت ۽ غيرملڪي سرمائي سميت زندگيءَ جي هر شعبي تي لاڳو ڪيو ويندو.
- سامراجي ملڪن ۽ عالمي مالياتي ادارن طرفان پاڪستان جي حڪمرانن خاص طور تي فوجي آمرن کي ڏنل ناجائز غيرملڪي قرضن جي خاتمي لاءِ بين الاقوامي طور تي تسليم ٿيل اصولن تحت قدم کنيا ويندا.

2.5 ماحوليات

- قدرتي وسيلن کي پائيدار طريقي سان استعمال ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويندو.
- صنعتي گند جي نيڪال، پيلن کي ڪٽڻ، پاڻيءَ جي اجايي ۽ غلط استعمال جي نتيجي ۾ ماحولياتي تباهيءَ کي روڪڻ لاءِ قانون سازي ڪئي ويندي. نئين سر استعمال جوڳي توانائيءَ جي حاصلات لاءِ رياستي سطح تي سيڙپڪاري ڪئي ويندي. توانائي خاص طور تي بجلي پيدا ڪرڻ وارن اهڙن منصوبن تي ڪم ڪيو ويندو جنهن سان قدرتي ماحول کي نقصان نہ پهچي.
- قدرتي آفتن ۽ وڏيون تباهيون ڦهلائڻ وارن واقعن کي منهن ڏيڻ لاءِ رياستي سطح تي موثر قدم کنيا ويندا.

(3) سماجي پروگرام

3.1 بنيادي حق

- شخصي آزاديءَ کي رياستي تحفظ حاصل هوندو.
- غريب عوام کي زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون ۽ روزگار مهيا ڪرڻ ۽ تعليم، علاج، رهائش جون مفت سهولتون مهيا ڪرڻ واري بنيادي ذميواري حڪومت جي هوندي.
- بين الاقوامي سطح تي طئي ٿيل اصولن ۽ معاهدن مطابق آئين ۾ هر شهريءَ جي سياسي، معاشي، سماجي، مذهبي ۽ ثقافتي حقن جي ضمانت ڏني ويندي. ذات، مذهب، فرقي، طبقي، جنس، قوم جي بنيادن تي موجوده متييد وارن قانونن جو خاتمو ڪيو ويندو. سيني شهرين کي هر سطح تي برابر موقعا ۽ سهولتون حاصل هونديون. عورتن، اقليتن ۽ ٻين پٺتي پيل سماجي گروهن کي خاص مراعتون مهيا ڪيون ويندیون تہ جيئن اهي معاشري ۾ برابريءَ جي سطح تي اچي سگهن.
- پيشيوراڻين تنظيمن جي حقن جو تحفظ ڪيو ويندو. رياست جي هر شهريءَ کي خيالن جي اظهار، چرپر، تنظيم سازي جي غيرمشروط حقن جي ضمانت ڏني ويندي. طبقاتي تنظيمن کي اجتماعي سودا ڪاري ۽ هڙتال جو حق حاصل هوندو ۽ سماجي تحريڪن کي بہ هٿي ڏني ويندي.

3.2 تعليم

- هر شهريءَ کي مئٽرڪ تائين لازمي ۽ ذهين شاگردن کي گريجوئيشن تائين مفت تعليم ڏيڻ جي آئيني ضمانت ڏني ويندي. موجوده طبقاتي نظام تعليم جو خاتمو ۽ تعليم جي نالي تي تجارت، تعصب ۽ ڦرلٽ جو ڪاروبار بند ڪيو ويندو. نصاب کي سيڪيولر ۽ جديد دور مطابق ٺاهيو ويندو. وڏن پرائيويٽ تعليمي ادارن ۽ مدرسن کي رياستي تحويل ۾ ورتو ويندو. موجوده فرسوده تعليمي نظام جي جاءِ تي نئون هڪجهڙو ۽ جديد تعليمي نظام لاڳو ڪيو ويندو. مادري ٻولين ۾ تعليم تي زور ڏنو ويندو.

3.3 صحت

- پورهيت طبقي کي مفت علاج جي سهولت مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ عوام کي علاج جون بهتر ۽ آسان سهولتون مهيا ڪيون

ويندا. دوائن جي ڪمپنين جي ڦرلٽ ۽ جعلي دوائن واري عوام دشمن ڪاروبار تي پابندي لڳائي ويندي.

3.4 عورتون

- جنس جي بنياد تي سڀني متڀيد ۽ اڻبرابرين جو خاتمو ڪيو ويندو ۽ زندگيءَ جي سڀني شعبن ۾ عورتن کي برابر موقعا ۽ حيثيت ڏني ويندي. عوامي نمائندگيءَ جي سمورن ادارن ۾ عورتن جي برابر نمائندگيءَ کي يقيني بڻايو ويندو. سڀني پسمانده سماجي ادارن جهڙوڪ جرڳن، سواره، وني،ڪاروڪاري ۽ غگ وغيره سميت رجعتي روايتن تي قانوني پابندي ۽ رياست خلاف ڏوهه جي فهرست ۾ شامل ڪيو ويندو. وراثت ۾ عورتن کي برابر حصو ڏنو ويندو. ٻارڙين ۽ عورتن لاءِ تخليق ۽ فن جا برابر موقعا ڏنا ويندا. ٻارن جي پيدائش جو صوابديدي اختيار عورت کي حاصل هوندو. حمل ۽ ويم جي صحت جون مفت سرڪاري سهولتون ۽ ٻارن لاءِ سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۾ نگهداشتگاهون ٺاهيون وينديون. حمل دوران ماءُ کي ٽن مهينن جي معاوضي سميت موڪل ڏني ويندي ۽ پهرين ٻار جي پيدائش کانپوءِ هڪ سال جي معاوضي سوڌو موڪل هوندي جيڪا والدين ۾ماءُ يا پيءُ ڪوبہ وٺي سگهي ٿو. اها سهولت صرف ٻن ٻارن جي پيدائش تائين هوندي.

3.5 شاگرد ۽ نوجوان

- سڀني نوجوانن کي روزگار جي آئيني ضمانت ڏني ويندي. نوجوانن ۽ شاگردن کي تعليم سان گڏ راندين ۽ ثقافتي سرگرمين لاءِ سهولتون مهيا ڪيون وينديون. شاگردن کي غيرنصابي صحتمند سرگرمين کي هٿي ڏيارڻ جا موقعا مهيا ڪيا ويندا. تعليمي ادارن ۾ شاگرد يونين بحال ڪيون وينديون.

آئين
عوامي ورڪرز پارٽي

باب پهريون
1.1 نالو
پارٽيءَ جو نالو عوامي ورڪرز پارٽي هوندو.
1.2 جهنڊو
پارٽي جهنڊي جو رنگ ڳاڙهو ۽ اڇو هوندو (3/4 حصو ڳاڙهو ۽ ڪاٻي طرف 1/4 حصو اڇو) ڳاڙهي حصي جي وچ ۾ هڪ پنجن ڪنڊن وارو اڇو تارو هوندو.

1.3 ڳاڙهو رنگ جدوجهد جي نشاني آهي. اهو پورهيت عوام جي طبقاتي ۽ انقلابي جدوجهد ۽ قربانيءَ جو اظهار آهي. اڇو رنگ امن جي نشاني ۽ اڇو تارو رهنمائيءَ جي علامت آهن.

باب ٻيون
رُڪنيت

2.1 هر پاڪستاني شهر جنهن جي عمر گهٽ ۾گهٽ 18 سال هجي، پارٽي منشور ۽ دستور ۽ نظريي سان اتفاق ڪندو هجي، پارٽيءَ جو رُڪن ٿي سگهي ٿو. پارٽي رُڪنيت حاصل ڪرڻ لاءِ رُڪنيت فارم ڀرڻو پوندو ۽ 10 روپيا رُڪنيت في ادا ڪرڻ ضروري هوندي.

2.2 رُڪنيت في ادا ڪرڻ کان علاوه هر ميمبر تي لازم هوندو تہ اُهو باقائده ماهوار چندو ادا ڪري (ماهوار چندي جو تعين ميمبر پاڻ پنهنجي آمدنيءَ جي حوالي سان رُڪنيت فارم ڀرڻ وقت ڪندو). ۽ پارٽي يا پارٽيءَ جي مختلف محاذن مان ڪنهن هڪ جي ڪمن ۾ باقائده شرڪت ڪري. جيڪو ميمبر پارٽي ڪمن ۾ شريڪ نہ ٿيندو ۽ باقائده ماهوار چندو ادا نہ ڪندو، اُهو پارٽي چونڊن ۾ حصو وٺڻ يا ووٽ ڏيڻ جو حقدار نہ هوندو.

باب ٽيون

پارٽي ڍانچو

3. پارٽيءَ جو دائرو سڄو پاڪستان هوندو ۽ پارٽي ڍانچي ۾ هيٺ ڏنل ادارا هوندا.

1. وفاقي ڪانگريس
2. وفاقي ڪميٽي
3. وفاقي ايگزيڪٽو ڪميٽي
4. وفاقي طرز تي قومي/صوبائي ۽ ضلعي ادارا هوندا.

3.1 وفاقي ڪانگريس

(1) ڪانگريس پارٽي تنظيم جو اعليٰ ترين ادارو هوندو. ڪانگريس هر ٻن سالن بعد ٿيندي، پارٽي ڪانگريس سياسي ۽ تنظيمي حڪمت عملي طئي ڪندي. وفاقي ڪميٽيءَ جي چونڊ ڪندي. وفاقي ڪانگريس شريڪ ٿيندڙن (مندوبين) جي بنياد تي منعقد ٿيندي جن جي تعداد جو تعين ڪانگريس کان اڳ وفاقي ايگزيڪٽو ڪميٽي ڪندي ۽ شريڪ ٿيندڙن کي ئي ووٽ جو حق هوندو، انهن شريڪ ٿيندڙن جي چونڊ سڀ قومي/صوبائي ايڪن جون ڪانگريسون پنهنجن شريڪ ٿيندڙ (ساٿين) مان ڪنديون. قومي ايڪن/صوبن مان شريڪ ٿيندڙن جي نمائندگي ۽ تعداد برابريءَ جي اصول تي هوندو باقي جن صوبن ۾ پارٽي ميمبرن جو تعداد تمام گهٽ آهي اتان کان شريڪ ٿيندڙن جي تعداد جو فيصلو وفاقي ايگزيڪٽو ڪميٽي ڪندي.

(2) وفاقي ڪانگريس ۾ پيش ٿيندڙ وفاقي ڪميٽي ۽ قومي صوبائي ڪميٽين جون رپورٽون ۽ قراردادن جا مسودا ڪانگريس ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهينو اڳ ميمبرن ۾ ورهايا ويندا ته جيئن انهن تي بحث جو مناسب وقت ملي سگهي. تڪڙن مسئلن تي قراردادون ڪانگريس ۾ پيش تي سگهن ٿيون.

(3) ڪانگريس کي هلائڻ جو انتظام اسٽينڊنگ آرڊر ڪميٽي (SOC) ڪندي، جنهن جي چونڊ ڪانگريس کان اڳ منعقد ٿيڻ واري وفاقي ڪميٽي ڪندي. ايس او سي ٽن ساٿين تي ٻڌل هوندي. اها ڪميٽي ڪانگريس جو اجلاس باقاعده شروع ٿيڻ کان اڳ ڪانگريس هلائڻ جي تجويزن کي پيش ڪري منظوري وٺندي.

(4) ڪانگريس ۾ سڀ فيصلا سادي اڪثريت سان ڪيا ويندا باقي منشور ۽ دستور ۾ ترميم لاءِ 60 سيڪڙو اڪثريت گهربل هوندي.

3.2 خاص ڪانگريس

ڪنهن تڪڙي يا اهم مسئلي تي وفاقي ڪميٽيءَ جي ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت جي راءِ سان خاص ڪانگريس گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهيني جي اڳواٽ نوٽس تي منعقد ڪري سگهجي ٿي جنهن ۾ گنريل ڪانگريس جا شريڪ ٿيندڙ ئي شرڪت ڪندا.

3.3 وفاقي ڪميٽي

(1) وفاقي ڪميٽي ڪانگريس ۾ چونڊ ميمبرن، وفاقي ايڪن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين تي ٻڌل هوندي. ٻن وفاقي ڪانگريسن جي وچين عرصي ۾ سڀني سياسي ۽ انتظامي معاملن جي ذميوار هوندي ۽ ڪانگريس ڪانپوءِ وفاقي ڪميٽي پارٽيءَ جو اعليٰ بااختيار ادارو هوندو. اُن جو اجلاس سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ٿيندو ۽ اجلاس جو ڪورم ڪُل تعداد جو گهٽ ۾گهٽ اڌ هوندو. وفاقي ڪميٽيءَ جو خاص اجلاس وفاقي ڪميٽيءَ جي ڪُل ميمبرن جي هڪ ڀاڱي ٽي تعداد جي درخواست تي سڏائي سگهجي ٿو.

(2) وفاقي ڪميٽيءَ جي ميمبرن جي تعداد جو تعين موجوده وفاقي ڪميٽي ڪندي. وڌيڪ جمون ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي هم خيال پارٽين مان نمائندگي ۽ ميمبرن جي تعداد جو تعين به موجوده وفاقي ڪميٽي ڪندي. وفاقي ڪميٽيءَ جي چونڊ هڪ تجويز ڪيل فهرست (لسٽ) جي بنياد تي ٿيندي، جيڪا موجوده وفاقي ڪميٽي ڪانگريس ۾ منظوريءَ لاءِ پيش ڪندي.

(3) موجوده وفاقي ڪميٽي حتمي لسٽ ٺاهڻ وقت قومي/صوبائي ايڪن مان نمائندگي، تجويز ڪيل ميمبرن جي ڪارڪردگي ۽ قومي/صوبائي ڪميٽين جي راءِ کي سامهون رکندي.

(4) وفاقي ڪميٽيءَ کي، ايندڙ ڪانگريس ٿيڻ تائين، ڪنهن خاص صورتحال يا ضرورت تحت نون ميمبرن کي وفاقي ڪميٽي ۾ شامل ڪرڻ جو اختيار هوندو ۽ اُن لاءِ وفاقي ڪميٽيءَ جي ٻه ڀاڱي ٽي ميمبرن جو رضامند هجڻ لازمي هوندو.

(5) وفاقي ڪميٽيءَ جو ڪو ميمبر جيڪڏهن ڪنهن خاص يا اهم ڪارڻ جو تحريري اطلاع بنا لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ شريڪ نه ٿيندو

تہ اُن جي ميمبرشپ (رُڪنيت) پاڻمرادو ختم ٿي ويندي. اهو اصول پارٽيءَ جي هيٺين سمورن ادارن ۽ عهديدارن لاءِ هوندو.
(6) وفاقي ڪميٽيءَ ۾ عورتن جو گهٽ ۾ گهٽ تعداد 33 سيڪڙو هوندو ۽ اهوئي اصول پارٽيءَ جي سمورن ادارن لاءِ هوندو. نوٽ: (ضميمو پڙهندا)

3.4 وفاقي ايگزيڪيٽو ڪميٽي

(1) وفاقي ايگزيڪيٽو ڪميٽي پارٽيءَ جي وفاقي عهديدارن ۽ قومي ايڪن/صوبن جي صدرن تي ٻڌل هوندي. صدر جي غيرموجودگيءَ ۾ سينيئر نائب صدر نمائندگي ڪندو/ڪندي. وفاقي عهديدارن جي چونڊ نئين چونڊيل وفاقي ڪميٽي پنهنجن ميمبرن مان ڪندي جنهن جو اعلان ڪانگريس جي اجلاس ۾ ڪيو ويندو. ايگزيڪيٽو ڪميٽي وفاقي ڪانگريس ۽ وفاقي ڪميٽي جي فيصلن تي عملدرآمد ڪرائڻ جي ذميوار هوندي ۽ وفاقي ڪميٽي جي سامهون جوابده هوندي. ڪنهن بہ سياسي يا تنظيمي صورتحال ۾ وفاقي ايگزيڪيٽو ڪميٽي تڪڙا فيصلا ڪري سگهي ٿي. پر بعد ۾ اُن جي توثيق وفاقي ڪميٽي مان ضروري هوندي.

3.5 وفاقي عهديدار

وفاقي سطح تي هي عهديدار هوندا:
صدر، چيئرمين، سينيئر نائب صدر، نائب صدر، جنرل سيڪريٽري، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري، سيڪريٽري تعليم ۽ تربيت، سيڪريٽري مالياتي معاملا، سيڪريٽري نشر ۽ اشاعت، سيڪريٽري ليبر، سيڪريٽري هاري، سيڪريٽري عورت ۽ سيڪريٽري يوٿ ۽ شاگرد.

صدر

صدر پارٽيءَ جو آئيني سربراهہ هوندو/هوندي، پارٽيءَ جي اجلاس جي صدارت ڪندو/ڪندي ۽ پارٽي منشور ۽ آئين مطابق رهنمائي ڪندو/ڪندي.

چيئرمين/چيئرپرسن

سڄي ملڪ ۾ پارٽي کي منظم ۽ متحرڪ ڪرڻ لاءِ سيني صوبن/قومي ايڪن جي پارٽي ادارن جي وچ ۾ رابطي جو ڪم ڪندو/ڪندي، سياسي سرگرمين ۽ نظم ضبط جو سربراهہ هوندو/هوندي.

سينيئر نائب صدر

صدر جي فرضن ۾ مدد کان علاوه صدر جي غيرموجودگيءَ ۾ پارٽي صدر جي عهدي تي ڪم ڪندو/ڪندي ۽ صدر جا سمورا اختيار ۽ فرض سرانجام ڏيندو/ڏيندي.

نائب صدر

صدر ۽ سينيئر نائب صدر جي غيرموجودگيءَ ۾ پارٽي صدر جي عهدي تي ڪم ڪندو/ڪندي ۽ صدر جا سمورا اختيار ۽ فرض سرانجام ڏيندو/ڏيندي.

جنرل سيڪريٽري

پارٽيءَ جي سيني تنظيمي معاملن جو انچارج هوندو/هوندي. پارٽيءَ جو سمورو رڪارڊ ترتيب ڏيڻ کان علاوه پارٽيءَ جي وفاقي ڪانگريس ۽ وفاقي ڪميٽي ۽ وفاقي ايگزيڪيٽو ڪميٽي جا اجلاس ڪرائڻ ۽ انتظامي معاملن سان گڏوگڏ قومي ايڪن جي تنظيمن سان رابطا ۽ پارٽي فيصلن تي عملدرآمد جو ذميوار هوندو/هوندي.

ڊپٽي جنرل سيڪريٽري

جنرل سيڪريٽري جي ڪمن ۾ مدد ڪندو/ڪندي ۽ جنرل سيڪريٽريءَ جي غيرحاضريءَ ۾ اُن جا فرض سرانجام ڏيندو/ڏيندي.

سيڪريٽري تعليم ۽ تربيت ۽ ڪلچر

پارٽي ميمبرن جي نظرياتي ۽ سياسي تعليم ۽ تربيت کان علاوه تاريخي، ادبي، تهذيبي ۽ ثقافتي معاملن جو به ذميوار هوندو/هوندي.

سيڪريٽري مالياتي معاملا

پارٽيءَ جي مالياتي معاملن جو ذميوار هوندو/هوندي، آمدني ۽ خرچن جي رپورٽ ٺاهيندو/ٺاهيندي.

سيڪريٽري نشر ۽ اشاعت

پارٽيءَ جي مقصدن، فيصلن ۽ اُن جي لٽريچر جي نشر ۽ اشاعت جو ذميوار هوندو/هوندي، پارٽيءَ جي نقطہ نظر کي سيني نشر واشاعت جي ذريعن ۾ هٿي ڏياريندو/ڏيندي.

سيڪريٽري ليبر، سيڪريٽري هاري، سيڪريٽري يوٿ ۽ شاگرد ۽ سيڪريٽري عورت اهي سڀ سيڪريٽري پنهنجن پنهنجن شعبن ۽

معاملن جا ذميوار هوندا ۽ اُنهن شعبن سان لاڳاپيل ڪمن جي نگراني ڪندا.

(1) پارٽي چيئرمين جي عهدي ڪان علاوه اهي ئي عهديدار قومي/صوبائي ۽ ضلعي سطح تي چونڊجندا.

(2) پارٽيءَ جي وفاقي، قومي/صوبائي ۽ ضلعي سطح جي ڪنهن هڪ عهدي تي ڪو ساٿي لڳاتار ٻه ٽرم(ٻن ٽيرن) ڪان وڌيڪ عرصي لاءِ چونڊجي نه ٿو سگهي/ٿي سگهي،پر وقفي ڪانپوءِ پيهر اُن عهدي تي چونڊجي سگهي ٿو.

(3) ڪوبه وفاقي عهديدار پنهنجي عهدي تان استيعفا ڏئي سگهي ٿو/ٿي اُهو پنهنجي استعيفا تحريري (لکت) طور تي جنرل سيڪريٽريءَ معرفت ڏيندو/ڏيندي، جنهن جي حتمي منظوري وفاقي ڪميٽي ڏيندي ۽ صوبن ۾ اهو اختيار قومي/صوبائي ڪميٽيءَ کي هوندو.

3.6 قومي/صوبائي ڪانگريس

(1) وفاقي پارٽي جي طرز تي سيني ايڪن ۾ قومي/صوبائي ڪانگريس، قومي/صوبائي پارٽيءَ جو اعليٰ ترين ادارو هوندو ۽ صوبي ۾ اُن کي اُهي ئي اختيار حاصل هوندا جيڪي وفاق ۾ وفاقي ڪانگريس کي حاصل هوندا. قومي/صوبائي ڪانگريس جو انعقاد، شريڪ ٿيندڙن جي تعداد ۽ ضلعن جي وچ ۾ تناسب جو تعين قومي/صوبائي ڪانگريس ڪان اڳ قومي/صوبائي ڪميٽي ضلعن جي پارٽي ميمبرشپ جي بنياد تي ڪندي. قومي/صوبائي ڪانگريس جي شريڪ ٿيندڙن جي چونڊ ضلعي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيندڙن مان ٿيندو.

(2) قومي/صوبائي ڪانگريس، قومي/صوبائي ڪميٽيءَ جي ميمبرن ۽ عهديدارن ۽ وفاقي ڪانگريس جي شريڪ ٿيندڙن جي چونڊ ڪندي.

(3) قومي/صوبائي ڪميٽيون، قومي/صوبائي ايگزيڪٽو ڪميٽين ۽ عهديدارن کي صوبي ۾ اُهي ئي اختيار هوندا جيڪي وفاق ۾ وفاقي ڪميٽي ۽ وفاقي ايگزيڪٽو ڪميٽي کي حاصل آهن.

3.7 ضلعي تنظيم

ضلعي ڪانگريس ضلعي جو سڀ ڪان بااختيار ادارو هوندو أهو ضلعي ڪميٽي/عهديدارن ۽ قومي/صوبائي ڪانگريس جي شريڪ ٿيندڙن جي چونڊ ڪندو ۽ ضلعي ۾ أن ڪي أهي ئي اختيار حاصل هوندا جيڪي صوبي ۾ قومي ڪانگريس يا وفاق ۾ وفاقي ڪانگريس ڪي حاصل آهن. ضلعي ڪانگريس منعقد ڪرڻ ضلعي اندر سيني يونٽن مان ميمبرشپ جي بنياد تي چونڊيل ميمبر ڪندا. هڪ ضلعي اندر گهٽ ۾ گهٽ پنج يونٽ هوندا. ضلعي ڪانگريس لاءِ ميمبرن جي تعداد جو تعين ضلعي ڪميٽي ڪانگريس ڪان اڳ ڪندي. تنظيمي صورتحال ڪي سامهون رکندي قومي ڪميٽي ڪي اختيار حاصل هوندو تہ أها هڪ ڪان وڌيڪ ضلعن، شهرن يا علائقن جي هڪ تنظيم جوڙي.

3.8 ضلعي ڪميٽي

ضلعي ڪميٽي ۽ ضلعي ايگزيڪٽو ڪميٽيءَ جي ميمبرن ۽ عهديدارن جي چونڊ قومي/صوبائي ڪميٽي يا قومي صوبائي ايگزيڪٽو ڪميٽيءَ جي طرز تي ٿيندي ۽ أنهن جا اختيار بہ ضلعي جي اندر أهي ئي هوندا.

3.9 بنيادي يونٽ

اهو پارٽيءَ جو بنيادي ادارو هوندو جيڪو فيڪٽري، اداري، ڳوٺ، وارڊ، يونين ڪائونسل، ضلعي ۽ تعلقي، پاڙي يا علائقي جي بنياد تي قائم ٿيندو، هڪ يونٽ گهٽ ۾ گهٽ پنج ميمبرن جي بنياد تي قائم ٿيندو. هر يونٽ جي منظوري لاڳاپيل ضلعي ڪميٽيءَ ڪان لازمي هوندي. يونٽ جو هڪ سيڪريٽري ۽ ڪميٽي مقرر ڪئي ويندي. هر يونٽ پندرنهن ڏينهن ۾ پنهنجي گڏجاڻي ڪندي أن جو فرض آهي تہ پنهنجي ميمبرن ڪان ماهوار چندو وصول ڪري ضلعي پارٽيءَ ڪي ڏئي ۽ پارٽي پروگرام ۽ پاليسيءَ جي پنهنجي علائقي ۾ تشهير ڪري ۽ پارٽي فيصلن جي پابندي ڪري.

باب چوٿون

جمهوري حق ۽ نظم ۽ ضبط

پارٽيءَ جا سڀ ادارا چونڊيل هوندا ۽ اُن باڊي آڏو جوابده هوندا جنهن کين چونڊيو آهي. پارٽيءَ جي وحدت کي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي ته هر ميمبر ۽ پارٽيءَ جو هر ادارو پارٽي لائحہ عمل مطابق جدوجهد ڪندي پارٽيءَ جي دستور ۽ سيني اصولن جي پاسداري ڪري. پارٽيءَ جا سڀ فيصلا جمهوري طور تي بحث مباحثي کانپوءِ ممڪن حد تائين اتفاق راءِ سان ۽ اختلاف راءِ جي صورت ۾ اڪثريت راءِ سان ڪيا ويندا جن جي پاسداري سيني تي لازم هوندي.

پارٽيءَ جو هر ميمبر اِهو حق رکي ٿو ته اُهو پارٽيءَ جي ادارن جي اندر بحث مباحثي ۾ حصو وٺي ۽ ڪوبہ اختلاف زباني يا تحريري طور تي پيش ڪري. پر بحث مباحثي کانپوءِ اداري جي فيصلي جو پابند هوندو. اقليت کي اڪثريت جي فيصلي جي پابندي ڪرڻي هوندي پر هر ميمبر يا اداري کي حق حاصل هوندو ته اُهو ڪنهن مسئلي تي پنهنجي اختلافي نقطہ نظر کي تحريري طور تي مٿئين اداري ڏانهن اماڻي. مٿئين اداري جي فيصلي جي پابندي هيٺين ادارن تي لازم هوندي.

هر پارٽي يونٽ ۽ اداري لاءِ لازمي هوندو ته اُهو وقت بوقت پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي سرگرمين ۽ ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺي ۽ اُن کي وڌيڪ موثر بنائڻ لاءِ قدم کڻي ۽ اهڙن جائزن ۽ ڪارڪردگيءَ جي تحريري رپورٽ لاڳاپيل پارٽيءَ ادارن کي موڪلي.

عوام ۾ ڪم ڪندڙ ميمبر پارٽيءَ جي ظابطي (ڊسيپلين) ۽ جمهوري قدرن جي دائري ۾ ڪم ڪندو ۽ پنهنجي حيثيت مان ڪو مالي فائدو نہ کڻندو.

سيني اجلاسن جي ڪارروائي تحرير ڪئي ويندي ۽ سرگرمين جي رپورٽ لاڳاپيل اداري جي ميمبرن ۽ لاڳاپيل مٿئين اداري

جي اختيارن ۾ هوندي. ڪنهن به اداري جي تحريري ڪارروائي کي حذف ڪرڻ جو اختيار لاڳاپيل ڪميٽيءَ کي هوندو.

پارٽيءَ جي هر ميمبر ۽ هر اداري لاءِ اهو لازم هوندو تہ اُهو پارٽي منشور، دستور ۽ سيني فيصلن جي پاسداري ڪري ۽ ڀڃڪڙي جي صورت ۾ لاڳاپيل ادارو يا مٿيون ادارو تحريري نوٽيس جاري ڪندو لاڳاپيل ميمبر يا ادارو تحريري طور تي جواب ڏيندو ۽ اُن کي صفائيءَ جو پورو موقعو ڏنو ويندو.

ڀڃڪڙيءَ جي نوعيت کي سامهون رکندي تحقيقاتي ڪميٽي بہ مقرر ڪري سگهجي ٿي. جيڪا پنهنجي رپورٽ لاڳاپيل اداري کي پيش ڪندي. فيصلو لاڳاپيل ادارو ئي ڪندو.

ڊسيپلين جي ڀڃڪڙي تي ڪنهن کي عهدي يا رڪنيت تان معطل ڪري سگهجي ٿو ۽ الزام ثابت ٿيڻ تي ميمبرشپ ختم ڪري سگهجي ٿي.

هر فيصلي کان متاثر ميمبر يا اداري کي اپيل جو حق هوندو جيڪا مٿئين اداري وٽ ڪري سگهجي ٿي. اپيل يا حتمي فيصلن جو حق وفاقي ڪميٽيءَ وٽ هوندو.

باب پنجون

پارٽي چونڊون

5.1 پارٽيءَ جا سمورا ادارا چونڊيل هوندا ۽ سڀ چونڊون هر اداري جي چونڊ لاءِ ڏنل طريقي ڪار مطابق ٿينديون. وفاقي، قومي/صوبائي ۽ ضلعي ڪميٽيون پنهنجي پنهنجي سطح تي چونڊن کان اڳ اليڪشن ڪميشن مقرر ڪنديون جن جو تعداد بہ لاڳاپيل ڪميٽي ئي طئي ڪندي، جيڪا لاڳاپيل ادارن جي چونڊ جي ذميوار هوندي.

5.2 غيرسرڪاري تنظيمن (اين جي اوز) جا تنظيمي ۽ انتظامي سربراهہ پارٽيءَ جي ڪنهن بہ عهدي لاءِ چونڊ ۾ حصو نہ وٺي سگهندا.

5.3 سرڪاري ملازمُ پارٽيءَ جي ڪنهن به چونڊ ۾ حصو نه ٿا وٺي سگهن.

5.3 اپيل ڪميشن

وفاقي ڪميٽي سينيئر ميمبرن تي ٻڌل هڪ ٽه رُڪني اپيل ڪميشن چونڊيندي. اپيل ڪميشن ڪنهن به چونڊن بابت شڪايت يا اپيل تي فيصلي کان اڳ انڪوائري ڪري سگهي ٿي. اپيل ڪميشن جي فيصلي جي حتمي منظوري وفاقي ڪميٽي ڏيندي.

باب ڇهون

ملڪي پارلياماني چونڊون

6.1 ملڪ ۾ سيني پارلياماني چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ پارٽي اميدوارن جي تعين لاءِ وفاقي ايگزيڪٽو ڪميٽي پارلياماني بورڊ جوڙيندي. پارلياماني بورڊ جا ميمبر پاڻ چونڊن ۾ حصو نه وٺندا. چونڊن ۾ حصو وٺڻ جا خواهشمند ميمبر پنهنجيون درخواستون مقامي يونٽ، ضلعي ڪميٽي ۽ صوبائي ڪميٽيءَ جي منظوريءَ بعد پارلياماني بورڊ کي موڪليندا. پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪرڻ لاءِ پارلياماني بورڊ جو فيصلو سيني ميمبرن تي لازم هوندو پر اُنهن جي فيصلي خلاف اپيل وفاقي ايگزيڪٽو ڪميٽيءَ ۾ ڪري سِگهجي ٿي جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

6.2 پارلياماني بورڊ کي پارٽي ٽڪيٽ لاءِ درخواست سان گڏ في جي تعين جو حق هوندو. جنهن جي ادائگي اميدوار ميمبر لاءِ لازمي هوندي. پارلياماني بورڊ قائدا ۽ ضابطا جاري ڪري سگهي ٿو.

6.3 بلدياتي چونڊن لاءِ قومي/صوبائي ڪميٽي بورڊ مقرر ڪندي جيڪو وفاقي سطح جي پارلياماني بورڊ جي طرز تي ڪم ڪندو. بورڊ جي فيصلي خلاف اپيل قومي/صوبائي ڪميٽيءَ سامهون ڪري سگهبي جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

باب ستون

پيا معاملا

7.1 پارٽي فنڊز ۽ مالياتي معاملا

(1) پارٽيءَ ۾ هر سطح تي مالي حساب ڪتاب باضابطہ شفاف ۽ تحريري طور رکيو ويندو. اُن جي هر لاڳاپيل اداري ۾ باقائده رپورٽنگ ڪئي ويندي. وفاقي سطح تي پارٽي فنڊز لاءِ باقائده اڪائونٽ کوليو ويندو جنهن کي هلائڻ جي ذميواري سيڪريٽري مالياتي معاملا، جنرل سيڪريٽري ۽ پارٽي صدر تي هوندي. قومي ۽ ضلعي سطح تي بہ بئنڪ اڪائونٽ کولي سگهجن ٿا.

(2) بنيادي طور تي پارٽي فنڊز جو انحصار پارٽيءَ جي ميمبرن، عهديدارن ۽ همدردن تي ئي هوندو. وفاقي ڪميٽي فنڊز جمع ڪرڻ جي ٻين طريقي ڪارن بابت فيصلو ڪري سگهي ٿي. يا خاص فنڊ جي اپيل ڪري سگهي ٿي.

(3) پارٽي ميمبرشپ جي سموري في، مقامي يونٽ، ضلعي ۽ قومي ڪميٽيءَ ذريعي وفاقي ڪميٽي کي ادا ڪندا.

(4) پارٽي ميمبرن کان ماهوار في پارٽي بنيادي يونٽ وصول ڪندا. ۽ وصول ٿيل رقم جو 25 سيڪڙو حصو بنيادي يونٽ، 25 سيڪڙو ضلعو/شهر، 25 سيڪڙو قومي/صوبائي ۽ 25 سيڪڙو وفاق جي وچ ۾ ورهايو ويندو.

7.2 تعليم ۽ تربيت جو ادارو

پارٽي پنهنجن ميمبرن ۽ همدردن جي سياسي تعليم ۽ تربيت لاءِ هڪ خاص ادارو جوڙيندي. جنهن جو بنيادي ڪم پارٽي ميمبرن لاءِ پورهيتن ۽ سيني محنت ڪندڙ عوام جا حق، ذميواريون ۽ اُنهن جي نظرياتي تربيت ڪرڻ جي حڪمت عملي ترتيب ڏيڻ هوندو. پاڪستان جي تاريخ، آئيني ۽ جمهوري حقن جي جدوجهد، گهڻ معاشي، گهڻ قومي ۽ طبقاتي سماج، جمهوريت ۽ اشتراڪيت جي مختلف پاسن، مرحلن ۽ صورتن جو تعين ڪرڻ ۽ پارٽيءَ جي بنيادي اصولن ۽ پروگرام تي جدوجهد جي تربيت ڪرڻ هوندو. اُن ڪم لاءِ هي ادارو تقرير، تحرير، اشاعت، اجتماع ۽ جدوجهد جي مختلف ذريعن ۽ صورتن کي ڪم ۾ آڻيندو.

ضميمو

پارٽي دستور جي ٽئين باب جي شق 3.3 ”وفاقي ڪميٽي“ ۾ ذيلي شق (6) وفاقي ڪميٽيءَ ۾ عورتن جي نمائندگيءَ بابت آهي ۾ چيو ويو آهي تہ
”(6) وفاقي ڪميٽيءَ ۾ عورتن جو گهٽ ۾ گهٽ تعداد 33 سيڪڙو هوندو. ۽ اهو ئي اصول پارٽيءَ جي سيني ادارن لاءِ نافذ هوندو.“
اها ڳالهہ اصولي طور تي تہ تسليم ڪئي وئي آهي پر عملي طور تي في الحال ممڪن نہ آهي ڇاڪاڻ تہ پارٽيءَ جي هيٺان کان مٿي تائين جي ادارن ۾ نہ ڪو عورتن جي ميمبرشپ گهٽي آهي ۽ نہ ئي نمائندگي 33 سيڪڙو آهي تنهنڪري ان ڳالهہ جي شعوري ڪوشش ڪئي ويندي تہ ايندڙ ڪانگريس ٽيڻ تائين اِن اصول تي عملدرآمد ٿي سگهي.

☆ ☆ ☆

Awami Workers Party

عوامي ورڪرز پارٽي

وفاقي سيڪريٽريٽ: احاطو نظام الدين سامهون تاج سينما ڳڙهي شاهو لاهور
اي ميل: awamiworkers@gmail.com فون نمبر: 042-36301685
www.awamiworkersparty.org

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڀِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ٻاڙي، ڪانئُو، ٻاجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، پَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ھين لفظ ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چانڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوء چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)